ساس سٽي سکر. ڪام
www.sascitysukkur.com

# ممبئي ياترا

(سفرنامو)

انور پيرزادو

ڊجيٽل پبلشر
سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر سنڌ

# ڪمپوزنگ



## عبدالجبار شيخ

## سٿاءُ

★پنهنجي پاران
★سمفا وفد جو ممبئي دورو ۽ انور پيرزادو
★مهاڳ........ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي
★ سڀ مهاجر هڪ جهڙا آهن
★ممبا ديوي
★ڪراچي ..ممبئي معاشقو
★ هند جا سنڌي هندو
★حسن سنگيت ۽ سرمستي
★ڏکڻ ايشيا جو خواب
★ڪراچي ۽ بمبئي وچ ۾ جهاز راني
★ پاڙي ناهه پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري
★پاڪ هند امن جي ڪُنجي
★نفرت جي ديوار
★علم، عالم ۽ انسان
★سرحد پار سنڌي
★ساڳيا ڪُنا ساڳ جا

# پنهنجي پاران

انور پيرزادو اڪيڊمي انور صاحب جي ٻن ڪتابن ”متان وساريو“ ۽ ”پٽائي“ ڪانپوءِ هي ٽيون ڪتاب ”ممبئي ياترا“سنڌ جي ادبي تاريخ کي پيش ڪري رهي آهي.

انور پيرزادو اڪيڊميءَ جو اهو ئي مقصد آهي ته جلد کان جلد انور صاحب جي لکيل تحريرن کي ڪتابي شڪل ڏئي ڪري هڪ ته سنڌس حياتيءَ ۾ سنڌس ذاتي تخليقي ڪتاب نه ڇپجي سگهڻ واري نقصان جو ازالو ڪجي ۽ ٻيو انور پيرزادي جي فڪر ۽ ازم کان ماڻهن کي روشناس ڪرائي ڪين ان مان فيضيابي جو موقعو ٻه ڏجي توڙي نئين سنڌ جي نئين نسل جي تربيت ٻه ڪري سگهجي.

انور پيرزادي جي حياتيءَ ۾ سنڌس پائيٽي ۽ ناليواري شاعر شاهه محمد پيرزادي سنڌس شاعري جو ڪتاب”اي چند پٽائيءَ کي چئجانءِ“2005ع ۾ ڇپايو هو.جڏهن ته 7جنوري 2007ع ۾ انور صاحب جي لاڏاڻي ڪانپوءِ جيڪا انور پيرزادو اڪيڊمي ٺهي آ تنهن هاڻي انور صاحب جي ادبي،تحقيقي ۽ صحافتي موادکي ڪتابي شڪل ڏيڻ جي ذميواري پنهنجي سر کنئي آهي.

انور پيرزادو اڪيڊمي جي محدود مالي وسيلن باوجود انور صاحب جا ڪتاب ڇپائڻ جي حوالي سان اهو ڪوشش ضرور ڪندي آهي

ته هڪ ته هن ڪتابي سلسلي کي ڪنهن ريت به ٽٽڻ نه ڏجي ۽ ان مقصد کي برقرار رکڻ لاءِ اڪيڊميءَ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڪتاب منظر عام تي آڻڻ جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو آهي ته جيئن اهو ڪم تيز رفتاريءَ سان هلندو رهي ۽ٻيو ته ڪوشش ڪجي ته انهن ڪتابن جي صورت ۾ انور صاحب جي مختلف پهلوئن کي ريڪارڊ تي آٽي سگهجي.ان حوالي سان سندس شاعريءَ وارو پهلو ڪتاب"اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجانءِ"پورو ڪيو آهي.صحافتي پهلوءَ کي سندس مشهور شارٽ ڪالمن واري ڪتاب"متان وساريو"پورو ڪيو ۽ ڪتاب"پٽائي" سندس پٽائي متعلق اختيار ڪيل جديد نقطهٔ نظر جو ريڪارڊ آهي.انور صاحب پنهنجي ذات ۾ وڏو جاڪوڙي ۽ مهم جو به هو.انور صاحب چوندو هو ته"علم فيلڊ ۾ آهي لائبريرين ۾ ڪتاب هوندا آهن"سو "ممبئي ياترا"به هڪ اهڙو علمي،مشاهداتي ۽ تجزياتي مواد آهي جيڪو"فيلڊ" مان آندو ويو آهي.جنهن کي هاڻي انور پيرزادو اڪيڊمي ڪتابي شڪل ڏئي ڪري ان کي لائبريرين جي زينت بڻائي رهي آهي ۽ ائين هيءُ ڪتاب انور جي سياحتي پهلوءَ کي پورو ڪري رهيو آهي.

هيءُ ڪتاب سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسيئيشن(سفما) جي 2006ع واري پنجن ڏينهن جي دوري جو دستاويز آهي جنهن جي 30 ڄڻن واري وفد جو انور صاحب به ميمبر هو.ان سفما واري دوري جو مقصد ڪراچي_ممبئي وچ ۾ عوامي رابطا پيدا ڪرڻ .ٻنهي بحري بندرن وچ ۾ قديم تاريخي لاڳاپا قائم ڪرڻ واري ماحول کي هٿي ڏيڻ هو.سفما جو اهوبه مقصد هو ته ان ڏس ۾ سول سوسائٽي ۽ عام ماڻهو پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ اهو ڪم عوامي سطح تي ظاهر آهي ته واپاري ،دانشور ،ليکڪ ،صحافي .فنڪار .ڳائڻا ئي ڪري سگهن ٿا.ان مقصد لاءِ سفما انور صاحب کي سينئر صحافي ،اديب ۽ دانشور جي حيثيت ۾

پنهنجي وفد ۾ شامل ڪيو.جيئن ئي اهو دورو ختم ٿيو ته انور صاحب ان دوري جو احوال سفرنامي جي صورت ۾ عوامي آواز ۾ قسطن طور ڇپائڻ شروع ڪيو.اسان عوامي آواز ۾ ان سفرنامي جي ڇپيل 15 قسطن جي اهميت ۽ضرورت کي محسوس ڪندي ان کي ڪتابي شڪل ڏني آهي.ڇاڪاڻ ته هيءُ عام رواجي سفرنامو ناهي.هيءُ سفرنامي سان گڏ هڪ تاريخي ڳنڍڪو به ٻڌجي ويو آهي.جيڪو هند ۽ سنڌ جي قديم توڙي جديد تاريخ کي قلمبند ڪري ٿو.انڪري هن سفرنامي کي پاڪستان جي حڪومت هند ۽ پاڪ جي بهتر لاڳاپن لاءِ هن ڪتاب کي گائيڊ لائين جي به حيثيت ڏئي سگهي ٿي.انور صاحب هن دوري کي پنهنجي دانشوراڻي صحافتي ۽ شاعراڻي اک سان ڏٺو انڪري هيءُ سفرنامي وارو ڪتاب شاعراتي نثر سان گڏوگڏ بيحد معلوماتي ۽ تاريخي مقام رکي ٿو.

زرار پيرزادو

انور پيرزادو اڪيدمي

# سفما وفد جو ممبئي دورو ۽ انور پيرزادو

انور پيرزادي جي جنهن پهلوءَ مونکي سڀ کان گهڻو متاثر ڪيو هو سو اهو هو ته هن سان جڏهن به ملبو هو ته هو شعوري طور تي وقت سان گڏ اڳتي وڌيل ئي محسوس ٿيندو هو.انور کي مان وڏي وقت کان سڃاڻيندو هوس.ساڻس منهنجي پهرين نظرياتي ۽ سياسي واقفيت ٿي ۽ پوءِ اڳتي هلي هن اسان سان عوامي عواز اخبار ۾ ايڊيٽر طور به سال ڏيڍ ڪمڪيو.ان ڪانپوءِ به ساڻس ٻيون ملاقاتون ٿينديون رهيون.

انور سان گڏ رهڻ جو آخري موقعو مون کي سال 2006ع ۾ سفما تنظيم(سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسئيشن )مهيا ڪيو جنهن جي ڪراچي _ممبئي ايڪسچينج پروگرام جو مان ڪوآرڊينيٽر هيس .مون ئي سفما جي ممبئي ويندڙ وفد ۾ انور پيرزادي کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني.انور کي درخواست ڪيم ۽ هو جيڪو هونئن ئي سياحتي ۽ مُهم_جُو ماڻهو هو تنهن خوشيءَ مان حامي ڀري ۽ ايئن انور اسان جي وفد ۾ شامل ٿي ويو.مون کي هتي اهو چوندي ڪا هبڪ محسوس نٿي ٿئي ته ان دوري ۾ هو اسان سڀني کان وڌيڪ ايڪٽو(Active) ۽نمايان نظر آيو.انور سان 23 کان 27 مئي 2006ع تائين پنج ڏينهن ممبئيءَ ۾ رهيس ۽ ان دوري جي موٽ ۾ جڏهن وري هندستان کان 30 ڄڻن جو هڪ وفد 10 جون کان 16 جون تائين ڪراچيءَ آيو ته سفما ڪراچي چيپٽر ئي ان وفد جي ميزباني ڪئي ۽ انور کي ان دوري جي ميڊيا ڪوريج لاءِ

مقرر ڪيو ويو انور ان موقعي تي بيحد سرگرم نظر آيو.مون کي اهو ڏسي به ذاتي طور خوشي ٿي ته انور ڪمپيوٽر ،انٽر نيٽ ۽ ليپ ٽاپ

چڱيءَ ريت استعمال ڪرڻ ڄاڻين پيو.مونکي انور جي ايڏي اپ ڊيٽ هئڻ جو اندازو نه هو.جيئن مون چيو ته انور سفما پروگرام ۾ ڪافي سرگرم نظر آيو سو هيءُ ممبئي ۾ به ڪيترن سنڌي پروگرامن ۾ ويو ۽ دوردرشن ٽي وي جي هڪ پروگرام ۾ به شرڪت جي دعوت مليس.

ان دوري دوران انور پيرزادي ڪراچي ۽ ممبئي کي اندس ڊيلٽا رستي ملائڻ جي هڪ شاندار ۽ انوکي آئيڊيا به ڏني.انور ان حوالي سان ممبئي ۾ اتان جي پروگرامن ۾ ۽ پريس آڏو توڙي هتي ڪراچيءَ ۾ ڀرپور انداز سان اها تجويز ڏني ته ”ڪراچي_ممبئي فيري سروس“ يعني ٻنهي شهرن کي اندس ڊيلٽا جي سنڌو درياهه وارين ڪارين مان نندين ۽ هوڙهن ذريعي پاڻ ۾ ملايو وڃي ته ان سان ڀاڙو ڪرايو به گهٽ ٿيندو.مفاصلو به گهٽجي ويندو ته گهري سمنڊ جي خطرن کان مسافر محفوظ رهندا ۽ وقت به گهٽ لڳندو.انور جي ان تجويز جي هندستان ٽائيمز اخبار به حمايت ڪئي هئي ته واقعي به ان حوالي سان ٻنهي ملڪن ۾ ڪو ناهه ٿيڻ گهرجي.مونکي ذاتي طور تي به اها تجويز ڏاڍي پسند آئي.انور جو اهو خيال ڏاڍو Visionary هو.ڪراچي ۽ ممبئي کي ملائڻ واري ٻيڙي سروس ڪولڻ سان ڪراچيءَ جي پسگردائي ۾ سياحت کي به هتي ملندي ۽ ماهيگيري کي به وڏا فائدارسندا.

انور سفما جي وفد جو پهريون ميمبر هو جنهن سڀ کان اڳ ۾ ممبئي دوري بابت سفرنامو لکيو جيڪو روزاني اخبار عوامي آواز ۾ قسطن ۾ شايع ڪيو.مونکي خوشي آهي ته انور پيرزادو اڪيڊميءَ

عوامي آواز سفرنامي کي ڪتابي شڪل ۾ آڻي ان کي تاريخي ۽ دستاويزي حيثيت ڏئي ڇڏي آهي.

ڊاڪٽر جبار خٽڪ

چيف ايڊيٽر

روزاني ”عوامي آواز“ ڪراچي

# مهاڳ

هڪ ڀيري منهنجي باري ۾ لکندي انور پيرزادي چيو هو تہ”سويو ڄاڻ جي کاڻ آهي.“پر سندس هي سفرنامو”ممبئي ياترا“ پڙهندي مون کي احساس ٿيو تہ پنجن ڏينهن جو ممبئي جو سفر ڪندي ڪيترو نہ علم ۽ ڄاڻ انور ان پرٿي آهي.

انور ڄائو هڪ فقيراڻي گهراڻي ۾ ۽ رهيو هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ جيڪو وک وک تي اوتارن سان ڀريو پيو هو.شاهہ جمال ،ڀرپور فقير۽ ٻين ڪيترن اوتارن تي اڄ بہ ڪيترائي راڳي ۽ شاعر ڳائيندا وڄائيندا ۽ ميلو مچائيندا پيا اچن.شاهہ لطيف ۽ ٻيا صوفي شاعر ان ڳوٺ جي ماڻهن جي رت ۾ شامل آهن.جن مان انور انسپائريشن ورتي.

جوانيءَ جي ڏينهن ۾ الائي ڪٿان ڪيس شيخ اياز جو ڪتاب”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“هٿ چڙهيو جيڪو منهنجي نالي ڪيل هو اهو پڙهي جلديءَ ۾ اچي مون سان منهنجي ڳوٺ”ٻنديءَ“۾ مليو جتي مان نظر بند ڪيل هوس.

اڪثر دادو ڪئنال جي ڪڙ تي مان پنهنجي ڪارخاني(ان چڙائيءَ جو سيلر)جي سامهون چانوَ ۾ ڪٽ وڇائي ويهندو هوس ۽ انور سان ڪچهريون ڪندو هوس.

1065ع_1967ع واري دور ۾ ڊاڪٽر ڊيلس سان گڏ موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ وقت انور به شامل هو.هن سڄي عمر جبلن ،تاريخي آثارن ،ٿر جي ماڳ مڪانن ۽ درياهه جي وهڪرن تي کوج ڪئي.۽ انهن ماڻهن سان ساٿ ڏنو جيڪي ان ڪاريه ۾ هن سان گڏ رهيا.بدرابڙو،ڪليم لاشاري.ايم ايڇ پنهور ۽ حاڪم علي شاهه بخاري هن جا اتساهه ڏيندڙ يار رهيا.

انور کي روزگار جهڙي حاصلات ۽ پير کوڙڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻ پيئي.پرائمري ماستر کان سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيڻ ۽ اتان ايئر فورس۾ پائلٽ ٿيڻ بعد جو چوٽيءَ تان ڌڪو کاڌائين ته سڌو وڃي جيل وسايائين.

اهو معجزو چئجي جو اتان صحيح سلامت ٻاهر نڪتو ۽ پوءِ هن جي پهرين اسائمينٽ ”روزني هلال پاڪستان“(جيڪا پيپلز پارٽيءَ پارن سراج ميمڻ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هلائي رهيو هو)۾ بحيثيت سب ايڊيٽر جي ٿي.

اُتان ٿنو ته ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل ”رشين ايمبسي“ جي پاران نڪرندڙ هڪ رسالي جو ايڊيٽر ٿيو.تڏهن اسان جا ڪي اديب ته چتا ٿي سندس پوئتان پئجي ويا ۽ ڪن ته هن جي باري ۾ مونکي الائي ڇا ڇا لکيوءِ الزام تراشيون ڪيون پر هو ثابت قدم رهيوءِ دليريءَ سان لکندو ۽ ڌرتيءَ جي مسئلن جي اپٽار ڪندو رهيو.

ضياءُ الحق اقتدار ۾ آيو ته ڪراچيءَ مان ”رشين ايمبسي“کي بند ڪيو ويو ۽ هن جي اُها نوڪري ختم ٿي وئي.بعد ۾ لاڙڪاڻي ۾

روزاني ”ڊان“ جو نمائندو بڻيو ۽ ستت ئي سکر ۾”ڊان“طرفان نڪرندڙ اخبار”دي اسٽار“ جو بيورو چيف ٿيو.

پوءِ ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران جيل ويو جتان ٻاهر نڪري ڪراچيءَ ۾ ڊان جو اسٽاف رپورٽر ۽ بعد ۾ ”عوامي آواز“ ۽ سنڌ سجاڳ اخبارن جو ايڊيٽر بڻيو ۽ مونکان محمد علي پناڻ جي معرفت هفتيوار ڪالم لکايائين.

انور پيرزادي جو انهن اڪيچار ڪارنامن ۾ امريڪا جو سفر ۽ هي هندستان جو سفر به آيو.

هي سفر جيئن مون مٿي چيو ته رڳو پنجن ڏينهن لاءِ هو پر ان ۾ ممبئي جي تاريخ ،ممبئيءَ جا سنڌ سان لاڳاپا .ورهاڱو ،هاڻوڪي بمبئيءَ جي ترقي ،اتان جي سياست ،مرهٽن ۽ سنڌين جا تعلقات ۽ وري مهاجرن ۽ سنڌين جي تعلقاتن تي به وڏي روشني پوي ٿي.

انور مون واري ڪاڻ ڪي ڪوٺيندي پاڻ به وڏو ڪوجي ۽ عالم ٿي ويو.موت هن کي وقت نه ڏنو نه ته مونکي يقين آهي ته ادب ۽ عالمي ڄاڻ جي ميدان ۾ هو اڃا به وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي ها.

هن جو هڪ ڪارنامو اهو به آهي ته هن موهن جي دڙي جو چوڌاري ڏهه ڪوهيءَ ۾ نوجوانن ۾ علم جي روشني ڦهلائي نياڻين ۾ تعليم جي سجاڳي آندي انهن لاءِ ڳوٺ ۾ اسڪول کولرايائين.ڳوٺ جو رستو پڪو نهرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪيائين ۽ انسان دوستيءَ کي ايترو فروغ ڏنائين جو سندس ڳوٺ جو نالو ئي ”لٽل ماسڪو“ پئجي ويو.سنڌ ۾ ورلي ڪو اهڙو اديب هوندو جنهن انور مان نه پرايو هوندو.

ايڏو اورچ محنتي ۽ ڪاهوڙي انور پيرزادو هن پنجن ڏينهن جي بمبئيءَ جي سفرنامي مان به ظاهر اهي.هن بمبئيءَ جي سُت کي سلجهائڻ

لاءِ تاريخ جاگرافي ۽ سياست سيني تي بيباڪ نموني پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي.

مون هيل تائين جيڪي سفر ناما پڙهيا آهن.انهن جي ڀيٽ ۾ جيتري چاڻ انور جي سفرنامي مان حاصل ٿي آهي اوتري شايد ڪي ڪن ٻين سفرنامن مان حاصل ٿي هجي.

مان مڃان ٿو ته انور پيرزادي نه صرف مون ڪان سکيو پر هن به مونکي گهڻو ڪجهه سيکاريو جنهن تي مونکي فخر آهي.

**سويو گيانچنداڻي**

**لاڙڪاڻو**

02_06_2007

## سڀ مهاجر هڪجهڙا آهن

ڪراچيءَ کان بمبئي ويندڙ هوائي جهاز جيئن ئي زمين کان آسمان جو رخ ڪيو ته مون پاسي ۾ ويٺل مسافر ڏانهن ڏٺو.هو سانوري رنگ جو هڪ ڪلين شيو ٿيل نوجوان هو.وقت پا ڪرڻ لاءِ هن سان ڳالهائڻ شروع ڪيم ته هن هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائي جنهن مونکي چرڪائي وڌو!!

اوهان سنڌي آهيو؟جن منهنجي سنڌي ٽوپي ڏسي پڇيو، ”جي ها!“

”بمبئي ۾ اوهان کي ڪيترائي سنڌي ملندا“

”اڇا واهه واهه“

”پر اوهان دل ۾ نه ڪيو ته سنڌين بابت اوهان کي هڪ ڳالهه ٻڌايان!“

”ها ها! بلڪل ٻڌايو جيڪڏهن حقيقت آهي ته حقيقتون تسليم ڪبيون آهن! دل ۾ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ محاوري طور مشهور آهي ته ”جيڪڏهن اوهان جي پرسان نانگ ۽ سنڌي اچي لنگهن ته اوهان نانگ کي ڇڏي ڏيو پر سنڌي کي نه ڇڏيو.“

”اوهه واقعي؟ڇا اهو سچ آهي ته سنڌين بابت ائين چيو ويندو آهي؟“

”سَرِ مان اها حقيقت تو ٻڌايانوَ پر مائينڊ ته نه ٿا ڪريو؟!

”آءِ ڊونٽ مائينڊ اٽ آل“مون چيو ۽ مونکي حر تحريڪ تي يورپي مصنف لمبرڪ جي ڪتاب”ٽيررسٽ“ ۾ پڙهيل اها ڳالهه ياد آئي جنهن ۾ هن لکيو آهي ته ”سنڌ ۾ مون هڪ محاورو عام طور تي ٻڌو ته جيڪڏهن نانگ ۽ پنجابي اوهان جي آڏو اچي گذرن ته اوهان نانگ کي

پلي چڙهي ڏيو پر پنجابيءَ کي نہ چڙهيو.“ اهو سوچي مان جهاز ۾ پرسان واري سيٽ تي وينل دهليءَ جي هندو نوجوان نالي نيتن شري وستوا ڏانهن حيرت سان ڏسڻ لڳس.

هن چيو ”سر مون گستاخي تہ ڪانہ ڪئي؟“

مون چيو ”بلڪل نہ“پر مان سمجهڻ ٿو گهران تہ هندستان ۾ سنڌين لاءِ ائين ڇو ٿو سمجهيو وڃي؟“

ان تي انهيءَ نوجوان جيڪو ڪراچي جي هڪ ڪيميڪل ڪمپنيءَ ۾ ڪنهن يورپي ملڪ طرفان ڪانٽريڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هو ۽ بمبئي کان بئي جهاز ذريعي دهلي موڪل تي پئي ويو.تنهن چيو تہ در حقيقت 1947ع ۾ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ مان آيل سنڌي شرنارٿي(مهاجر)جيئن ئي بمبئي آيا تہ اتي جي ڌنڌي واپار تي قابض ٿي ويا ۽ مقامي مرهٽا نسل جا ماڻهو جيڪي اڳي ئي پنتي پيل هئا سي وڌيڪ احساس محرومي ۾ مبتلا ٿي ويا.اهڙو سلسلو هر هنڌ موجود هو.جتي جتي سنڌي هندو پهتا هئا.

اها ڳالهہ ٻڌي مونکي هڪ واقعو ياد آيو جيڪو مون ڪنهن دوست کان ٻڌو هو تہ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ويل هڪ غريب سنڌي هندو هندستان جي هڪ شهر ۾ ڪنڊ جو واپار ڪرڻ لڳو ۽ ٿورڙن ڏينهن اندر سڄي شهر جي بزنيس تي ڇانئجي ويو جڏهن هن کان سندس ڪاميابي جي راز بابت معلوم ڪيو ويو تہ هن چيو تہ مان جنهن قيمت تي کنڊ خريد ڪندو آهيان.انهيءَ قيمت تي وڪرو ڪندو آهيان.انڪري سڄي بازار ۾ منهنجو مال سستو هوندو آهي ۽ ان ڪري ٻين جا دڪان بند ٿيڻ لڳندا آهن.

ان تي هن ڪان وري پڇيو ويو تہ پوءِ اهڙي واپار مان توکي فائدو کهڙو ٿو ملي؟ تہ هن وراڻيو تہ ڪنڊ وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي خالي ٿيل ٻوري جي پئسا منهنجو نفعو هوندو آهي.

اهو قصو جڏهن مون پنهنجي همسفر هندستاني نوجوان کي ٻڌايو تہ پوءِ هن کي دلچسپي ٿي تہ سنڌين بابت پاڻ کان عمر ۾ وڏي ماڻهوءَ کي مون جيڪا ڳالهہ ٻڌائي آهي.ان تي هو اندر ۾ ناراض نہ ٿيو آهي پر منهنجي ڳالهہ جي تائيد ڪري رهيو آهي.

هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ سنڌين کي نانگ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ سمجهڻ واري اها ڳالهہ مون جڏهن ڪراچيءَ کان بمبئي ويندڙ وفد ۾ شامل ڪراچيءَ جي هڪ مهاجر دوست کي ٻڌائي تہ هن چيو تہ”اها مهاجر نفسيات آهي.“جيڪو ماڻهو پنهنجي وطن ڇڏي(۽وطن گهٽو ڪري مجبوريءَ ڪان ڇڏيو آهي)ٻئي ملڪ ۾ ويندو آهي.سو اتي وڃي وڏي جفاڪشي سان سخت پورهيو ڪندو آهي.جنهن ڪري هن جي مالي حالت پڻ سڌري ويندي آهي ۽ هو ٻين تي حاوي بہ ٿي ويندو آهي.اهڙي ماڻهوءَ ۾ لالچ لوڀ،ظالماڻي ترقيءَ جو تصور ۽ ڪڏهن ڪڏهن خوفناڪ خود پرستي ۽ موقعي پرستي جو مظاهرو ڪرڻ ۽ غير انساني هلت هلڻ (پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ) جهڙا لاڙا پيدا ٿيندا آهن.

مان سوچي رهيو هوس تہ واقعي پنهنجو وطن ترڪ ڪرڻ انسان لاءِ ڪيڏي نہ بدبختي آهي.شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو هند توڙي سنڌ ۾ وڏو مانُ آهي ڇاڪاڻ تہ هن ۽ هن جي خاندان ٻين بہ ڪيترن ئي هندو خاندانن سان گڏ 1947ع واري بحران کي برداشت ڪري سنڌ نہ ڇڏي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي رهي سختيون برداشت ڪرڻ جي باوجود شانائتي زندگي گذاري.

ان تي مون کي هڪ ٻي ڳالهه ٻه ذهن تي تري آئي جيڪا ڪنهن دوست ڪجهه وقت اڳ مونکي ٻڌائي هئي.هن چيو ته هڪ غريب ماڻهو جنهن جي معاشي حالت خراب هئي ۽ نه سڌرندي هئي سو اسلام جي پيغمبر وٽ آيو ۽ ڪين چيائين ته سائين منهنجي معاشي حالت نه ٿي سڌري مان ڇا ڪيان؟پيغمبر اسلام هن کي چيو ته ابا تون هجرت ڪر.هن هجرت ڪئي ۽ لڏ پلاڻ ڪري ڪنهن ٻئي ملڪ ويو جتي هن محنت مزوري ڪئي ۽ حالت ڪجهه بهتر ٿي ويس پر وري هو موٽي آيو ۽ ڪيس چوڻ لڳو ته سائين منهنجي حالت اڃا به نه ٿي سڌري!!ان تي هن کي وري به صلاح ڏني وئي ته تون وري به هجرت ڪر!!!

سو واقعي پرڏيهه وڃڻ سان ماڻهو نئين ماحول ۾ داخل ٿئي ٿو اوپري ملڪ ۾ رهڻ سبب هن ۾ غير يقيقني ،غير محفوظ رهڻ ۽ بي پاڙيءَ واري ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي.جنهن ڪري هو پنهنجي وطن جي مقابلي ۾ وڌيڪ محنت ڪري ٿو ۽ خوشحال ٿئي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ويل سنڌي هندو هن وقت الهاس نگر ۾ چون ٿا ته ڏاڍا خوش آهن،سکيا ستابا آهن ۽ دولتمند ٿي ويا آهن پر سنڌ ڪان وڇوڙي وارو سور سندن اندر ۾ ناسور ٿي ويو آهي.

آ بدلی، کر بیتی کون تمھارا دیس
سکھ تو اپنے گھر میں دکھ تاں پردیس

ڀٽائي چيو:

سچو جي ساٿيهه ته به ونهيان ئي وترو
گهوريو سو پرڏيهه توڙي ڦلن ڇانئيو

يعني پنهنجو ديس ڀلي غريب هجي پر پوءِ به شاهوڪارن کان شاهوڪار آهي(ونهين ويڙهيچن لاءِ يعني سڪين ستابن ياشاهوڪارن ماروئڙن لاءِ)۽ پرديس گهوريو ڀلي ته گلن سان ڇانئيو پيو هجي.

البتہ ان جي اها معنيٰ تن ماڻهو پنهنجو ملڪ ڇڏي ڪاڏي بہ نہ وڃي.دنيا گهمڻ ،سڌريل ملڪن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ پرڏيهہ ۾ وڏين پگهارن واريون نوڪريون ڪرڻ يا وڻج واپار ڪرڻ وغيره انسان کي اڳتي وڌڻ جو ڏڳ ڏيکارڻ جي برابر آهي پر گهمي ڦري پنهنجي ديس وطن ،ڳوٺ ۽ گهر ۾ اچڻ سان ماڻهو ائين سڪون محسوس ڪري ٿو جيئن ٻار ماءُ جي هنج ۾.

2001ع ۾ آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن(ڊِي سي)۾ اتان جي اونهاري(هتان جي هلڪي سياري جهڙا چار مهينا)(مئي کان سپٽمبر تائين)گذاري موٽيس تہ اتي هڪ ايشيائي ملڪ جي پي ايچ ڊي خاتون مون کي چيو تہ ”انور آمريڪا بي روح سماج آهي.“ ۽ جڏهن مان هن کي ٻڌائي جو مٽي ڏنل ”گهوريو سو پرڏيهہ“وارو بيت معنيٰ سان پڙهي ٻڌايو تہ ان ڏينهن هن فيصلو ڪيو تہ اٺن سالن کان آمريڪا ۾ رهائش ختم ڪري پنهنجي ملڪ موٽي ويندس.

سو،بمبئي ۾ گهاريل پنجن ڏينهن جي ڪٿا جي هيءَ ابتدا آهي.هي موقعو مون کي سائوٿ ايشيا فريميڊيا ايسوسئيشن (سفما)پاران روزاني عوامي آواز جي ڊاڪٽر جبار خٽڪ ڏنو جيڪو ان تنظيم جو پاڪستان ۾ ڪوآرڊينيٽر آهي.23 کان 27 مئي تائين 30 ڄڻن واري وفد ۾ ڪراچي ۽ بمبئي وچ ۾ عوامي رابطا پيدا ڪرڻ ٻنهي بحري بندرن وچ ۾ قديم تاريخي لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ ڪراچي بمبئي جاڙا شهر ٻيهر بحال ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هي پروگرام رٿيو ويوهو.جنهن جي موٽ ۾ وري هندستان کان 30 ڄڻن جو وفد 10 جون کان 16 جون تائين ڪرچي اچڻو آهي.

سفما جو ان حوالي سان پروگرام يا ان جي سوچ ڏاڍي انوکي آهي.ان جو خيال آهي تہ سول سوسائٽي ۽ عام ۾ ماڻهو پنهنجو ڪردار

نيائن.مثال ڪراچي جي پريس ڪلب جيڪڏهن بمبئي جي پريس ڪلب سان تعلقات قائم ڪري گڏيل پروگرام شروع ڪري ته ڪيس ڪير ٿو ڪونه روڪيندو.اهڙي طرح هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ عوامي سطح تي واپارين،دانشورن،ليکڪن،فنڪارن،ڳائڻن ۽ ٻين ماڻهن وچ ۾ امن ۽ دوستي جا ناتا قائم ڪري سگهن ٿا ۽ اهڙو ڪم ٻنهي ملڪن جي حڪومتن جي پاليسين جو انتظار ڪرڻ بنا هاڻي کان ئي شروع ڪري سگهجي ٿو.

## مُمبا ديوي

ڪراچيءَ جي ساموندي ڪناري کان ڏکڻ اوير ڏانهن وجبو ته 200 ناٽيڪل ميلن تي بمبئي جو شهر ايندو اڳتي وجبو ته”گوئا“ نالي هڪ ٻيو شهر ايندو جنهن لاءِ اسان جي وفد ۾ شامل لورن ڊي سوزا جو چوڻ آهي هو ته اهو بمبئي ۽ڪراچي ٻنهي کان سهڻو علائقو آهي.

چون ٿا ته بمبئي قديم زماني ۾ ستين ٻيٽن تي پکڙيل علائقو هو جنهن ۾ گهڻو ڪري ميربحر ۽ مڇيرا ماڻهو رهندا هئا جن کي ”ڪال“ يا ”ڪيل“ سڏيو ويندو هو.دراوڙي نسل اج اهي ٻيٽاري ماڻهو هڪ ديويءَ جي پُوڄا ڪندا هئا جنهن جو نالو ”مُمبا ديوي“ هو انڪري جنهن علائقي يا شهر کي سنڌي ”بمبئي“ سڏين ٿا ۽ انگريز ”بامبي“(Bombay) ڪوٺين ٿا.ان کي ديسي لوڪ پنهنجي ٻوليءَ ۾”ممبئي“ چون ٿا.هندستان حڪومت هن شهر جو هن وقت سرڪاري طور نالو”مُمبئي“ رکي ڇڏيو آهي.(نوٽ)”ڪيل“ماڻهو اسان سنڌو درياهه جي ڪنارن تي پنجاب ۾ به ڏٺا 1989ع واري Expedition Indus دوران).

پر اسان سنڌي جن جي وطن سنڌ کي انگريزن 1843ع ۾ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ بمبئيءَ سان ملائي ڇڏيو هو جتان سنڌ کي 1936ع ۾ جدا ڪيو ويو ۽ اها تحريڪ سر شاهنواز ڀٽي،جي ايم سيد ۽ هُن جي هم عصر مسلم ليگي اڳواڻن هندو مسلم ورهاڱي واري خيال سان هلائي هئي.جنهن ڪانپوءِ سنڌ کي چيو ويو ته اوهان جو تاريخي ۽ جاگرافيائي طور ”بامبي پريزيڊنسي“ نه پر پنجاب سان تعلق آهي.اهڙي طرح انهيءَ سوچ جو منطقي نتيجو پاڪستان جي صورت ۾ 1947ع ۾ نمودار

ٽيو.پنجاب ۽ سنڌ برابر سنڌو ماٿري واري مهين جي دڙي ۽ هڙپا تهذيب جي ثقافتي پٽيءَ ۾ واقع آهي.جڏهن ته برٽش انديا ۾ بمبئي سنڌ اتحاد وڏيڪ آسان لڳندو هو.جڏهن ته هندو مسلم ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۽ پنجاب جو اتحاد فطري ڳالهه ٿي وئي.

سو سنڌين لاءِ هڪ چوڻيءَ مطابق ”ادو مئو ،ادي جائي،اسان اهڙا جي تهڙا“واري ويڻن ٿي.اڳي بمبئي اسان تي راڄ ڪندي هئي.پوءِ الهندو پنجاب راڄ ڪرڻ لڳو،وچ ۾ ڪجهه وقت دل پشوري ڪرڻ جو ٿورو موقعو ڏنو ويو ۽ ڪراچي کي پاڪستان جو گاديءَ وارو هنڌ مقرر ڪيو ويو ۽ اسان سنڌين کي چيو ويو ته اوهان کي بمبئي کان آزاد ڪيو اٿئون هاڻي اوهان ڪراچيءَ جي ماتحت آهيو جيڪا سنڌ ۽ پاڪستان ٻنهي جو گادي وارو هنڌ آهي.اسان اڃا اها خوشي ملهائي پوري ئي نه ڪئي ته فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان پاڪستان جي گادي ڪراچي مان منتقل ڪري اسلام آباد ڪٽي هليو ويو.

هاڻي هوائي جهاز جيترو وقت ڪراچي کان اسلام آباد تو وٺي.اوترو وقت ڪراچي کان بمبئي وڃڻ تي به لڳي ٿو پر اسان تي حڪمراني بمبئي جي نه اسلام آباد جي آهي.جنهن جي روڊ تي هٿ جي آڱر گسائي نڪ تي رکي ،سنگهي هڪ بنگالي دانشور بنگله ديش ٺهڻ کان اڳ هڪ دفعي چيو هو ته”مونکي ان سِٽيءَ جي بوءِ ٿي اچي.“

ياد رهي ته گڏيل پاڪستان ۾ يعني جڏهن پاڪستان جو وڏو اڌ(اوڀر پاڪستان)گڏ هوندو هو تڏهن سٽي جو پرڏيهي واپار پاڪستان کي ڪافي شاهوڪاري ڏيندو هو.سو ان بنگالي دانشور جو مقصد اهو هو ته اسلام آباد بنگال جي سٽي وڪٽي تعمير ڪيو ويو آهي.سولي سنڌيءَ ۾ ائين چئبو.

خير 93 سال بمبئي سان گڏ رهڻ ڪانپوءِ 70 سال وڇوڙي جا گذاري هاڻي جڏهن سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسيئيشن(سفما) جي پليٽ فارم تان امتيازعالم ۽ ڊاڪٽر جبار خٽڪ اسان 30 ڄڻن واري وفد کي "ڪراچي بمبئي ايڪسچينج پروگرام"تحت هندستان جي وڏي ۾ وڏي ساموندي بندر ۽ معاشي مارڪيٽ ڏانهن وني ويا ته مون واٽ تي ڪيترن دوستن کان اهو سوال ڪيو ته جيڪڏهن اوهان کي هي سڀ ڪجهه ڪرڻو هو ته پوءِ 1947ع جو پيدا ڪيو ويو؟

ان سوال جو جواب ممتاز صحافي صبيح الدين غوثي به ڏنو.جنهن ٻڌايو ته هو بمبئي جي هڪ اسپتال ۾ جائو هو ۽ وفد ۾ شامل ڪراچي جي ڪيترن وڏن واپارين سان چئمبر آف ڪامرس ائنڊ انڊسٽري اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ جوڙيا بازار جي سربراهه واپارين به ڏنو.سندن جواب مان ائين پئي لڳو ته گڏيل هندستان ۾ اقليت طور رهندڙ گهٽ شاهوڪار واپاري جنهن ٽاٽا ۽ برلا جهڙن هندو سيٺين سان مقابلي جي سگهه نه پئي ساري سگهي.سو ڪوٽا سسٽم جي بنياد تي پاڪستان نالي پنهنجو ننڍڙو مارڪيٽ ناهي گڏريل 58 سالن ۾ ايترو شاهوڪار ٿي ويو آهي جو هاڻي هو هندستان جي وڏي واپاريءَ سان وڻج واپار ڪندي خوفزده نٿو ٿئي.اجا به هنڪي هندستان جي هڪ ارب انساني آبادي ڏسي وات ۾ پاڻي ڀرجي رهيو آهي ۽ هو سوچي هيو آهي ته هو پنهنجي واپاري وکر لاءِ هندستان ۽ ڏکڻ ايشيا وارو وڏو مارڪيٽ چو نه ڳولي وٺي.رڳو پاڪستان تائين محدود چو رهي؟؟؟؟

ان معاشي ماهري تي ڳالهين جي ڏي وٺ ،بحث مبحثو ،واعظ نصيحتون ۽ تقريرون بمبئي جي پنجن ڏينهن واري دوري دوران برابر ٿينديون رهيون.جنهن دوران بنهي ڌرين يعني هندستاني ۽ پاڪستاني

ماڻهن،واپارين ،دانشورن صحافين ۽ بين لوڪن جواهو خيال هو تہ سرحدون ختم ٿيڻ گهرجن.

سرحدون تہ انٽرنيٽ اڳيئي ختم ڪري ڇڏيون آهن.اڳي چوندا هئاسون تہ پاڪستان ۽ هندستان جون حڪومتي هڪٻئي سان دوستي ڪن تہ اسان نٽي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان قائم ڪيل واپاري ڪوٺين جو رڪارڊ وڃي پڙهي اچون جيڪو انڊيا آفيس ۾ رکيل آهي.انٽرنيٽ اچڻ ڪانپوءِ هاڻي ان لاءِ سرحد پار ڪرڻ ضروري ناهي.پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ ويهي سنڌو درياهہ جي سيني تي ترندڙ ٻيڙي ۾ ڪاچي ۾ ،ڪڇي ۾ يا ڪنهن شهر ۾ ويهي انٽرنيٽ ذريعي اوهان هندستان جي انهيءَ لائبريري ۾ داخل ٿي سگهو ٿا.جتي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو نٽي ۾ ٿيندڙ ڪاروبار جو پوتا ميل رکيل آهي.

سو ان ڪري سفما جو چوڻ هو تہ هاڻي انتظامي ۽ سياسي سرحدون رڳو اکين جو ڏۀ وڃي بچيو آهيءَ اها ڳالهہ حقيقت بہ ثابت ٿي جڏهن پاڪستان ۽ هندستان جا واپاري بمبئي ۾ پاڻ ۾ گڏيا ۽ اسان صحافي وات ۾ آڱر وجهي اچرج وچان سندن ڳالهيون ٻڌي رهيا هئاسون.هو چئي رهيا هئا تہ هن وقت هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ سرڪاري طور سڌو واپار جيڪڏهن هڪ رپئي جو هلي رهيو آهي تہ سنگاپور ۽دبئي وغيره جهڙن ٽياڪڙ ملڪن وسيلي ٻنهي ملڪن وچ ۾ جيڪو وڏندڙ واپار آهي سو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو رپين جي ماليت ڪي وڃي رسيو آهي.

انڪري ٻنهي ڌرين جو چوڻ هو تہ پاڻ ۾ سڌو واپار ڪجي تہ جيئن ٻنهي ڌرين کي سڌو نفعو ٿئي ۽ ٽين ڌر يعني Middle manٻنهي ڌرين جو نفعو هڙپ نہ ڪري وڃي جيڪو هن وقت ٿي رهيو آهي.

ان حوالي سان ﺑﻪ بيا ويچار ڏاڍا اهم هئا جيڪي پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاج حيدر ۽ سفما جي هندستاني توڙي پاڪستاني قيادت پيش ونديا.بحث مباحث ي ۾ حصو وٺندي تاج حيدر ان ڳالهه تي زور ڏيندو رهيو ته پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ سڌو واپار وڌائڻ سان ٻنهي ملڪن جا سرمائيدار پلي اچا ﺑﻪ موٽا ٿين پر بيلي ٻنهي ڌرين کي گهرجي ته انهيءَ غريب ٿين ڌر جو سوچين جنهن کي ”صارفين“ڪونجي ٿو.جيڪي واپاري وکر جا خريدار آهن.سو غريبن جو خيال رکي پوءِ ئي سرمائيدارن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

ان حوالي سان سفما يعني سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسيئيشن جي اڳواڻن امتياز عالم(پاڪستان)۽ ڪي ڪي ڪٽيال توڙي ونود شرما(هندستان)جو چوڻ هو ته عام لوڪن کي هاڻي اڳتي وڌي پنهنجو موقف زوريءَ حڪمرانن تي مڙهڻ گهرجي.يعني هندستان ۽ پاڪستان جا صحافي پنهنجي ليکي ڳڌيل پروگرام ناهين.ليکڪ پنهنجي سطح تي سهڪار ڪن.يونيورسٽيون پاڻمرادو ناهن ته صحيحون ڪن ۽ واپري چئمبر ڪنهن ٽين ڌر ڪان پڇڻ بغير هڪ ٻئي سان واپار وڌائين.سول سوسائٽي ائين ڪندي ته حڪومتون پاڻ مجبور ٿي ويندين ۽ هڪ ٻئي سان صلح ۽ شانتي ۾ رهنديون.

سو اهي بحث پنهنجي جاءِ تي پر مونکي وڏي تانگهه اها هئي ته ڪراچي ايئرپورٽ تان جهاز اڏامندو ۽ ساموندي ڪنارو وٺي هلندو ته مان هيٺ اندس ڊيلٽا جو نظارو ڪندس.پر ٿيو ائين جو ڪراچي جو آسمان ڪڪرن سان پريو پيو هو سو چتائي ڏسي ڪڪرن ۽ جهڙالي وچان کي ڪي ٽڪرا ڊيلٽا جا نظر آيا ﻧﻪ ته باقي رڳو ڌنڌ هو.ساڳي حالت بمبئي ايئرپورٽ تي ﺑﻪ هئي.اتان جو آسمان ﺑﻪ ڪڪرن

سان چانيل هو انڪري مٿان آسمان ڪان بمبئي جو ٽطارو ڪرٽمحال تي لڳو.ڪراچي ۽ بمبئي وچ ۾ شايد اها بہ هڪجهڙائي هئي.

## ڪراچي _مُمبئي معاشقو

ڪنهن زماني ۾ ڪراچي ۽ بمبئي”جاڙا“شهر ڪري ليکيا ويندا هئا.گڏيل هندستان ۾ ورهاڱي کان اڳ توڙي پاڪستان ۽ هندستان وارن جدا جدا ملڪن ۾ٻنهي شهرن جي اهميت ساڳي هئي ڇاڪاڻ ته اهي بحري بندر پنهنجي مُلڪ لاءِ هئا.بحري بندر انسان جي جسم ۾ دل جيان ٿئي ٿو جتي سڄي جسم جو رت جمع ٿي ورهائجي جسم جي ذري ذري ۾ پکڙجي وڃي ٿو.بحري بندر تي پڻ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اقتصادي ۽ زرعي وکر جمع ٿين جن جو بعد ۾ وڻج واپار ٿئي ٿو.بحري بندر تان مال ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڪري لاءِ وڃي ٿو ۽ ٻاهرين ملڪن کان خريد ڪيل سامان ملڪي استعمال لاءِ اچي ٿو.

ڪراچي جو بندر جنهن جو ماضي ديبل بندر هو سنڌو ماتريءَ جي جاگرافي ۾ اهم جاءِ والاري ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌو ماتر جو سمنڊ سان رابطو پيدا ڪري ٿو.سمنڊ سان رابطي سبب دنيا سان رابطو قائم ٿي وڃي ٿو.جنهن جا فائدا ۽ نقصان هڪ جهڙا آهن.سڄي دنيا سان وڻج واپار وسيلي ترقي به ڪري سگهجي ٿي. ۽ سموري دنيا جي ملڪن جون جلهون ۽ جارحيتون به پوڳڻيون پون ٿيون.

اهو ئي سبب آهي جو اڄ پاڪستان جو سڀ کان اهم صوبو سنڌ آهي ڇاڪاڻ ته ان جون سرحدون سمنڊ سان لڳن ٿيون.پنجاب کي مليل اهميت هٺراڏو آهي.سياسي نوعيت جي آهي ڇاڪاڻ جو اهو حڪمرانن جي رهائش جو علائقو آهي نه ته آمدني جي لحاظ کان وري به ڪراچي شهر ملڪ جي مڙني حصن کان وڌيڪ ناڻو ڪمائي پاڪستان کي ڏئي

ٿو جنهن ڪري اين ايف سي ايوارڊ جي آمدني يا آبادي جي بنياد تي ورهاست جو مطالبو ترتيبوار سنڌ ۽ پنجاب ڪندارهيا آهن.

بمبئي شهر بہ پلي تہ هندستان جي مهاراشٽر رياست جي گادي؞ جوهنڌ آهي پر سڄي هندستان جي معيشيت لاءِ ڪرنگهي جو ڪم ڏئي ٿو.

دنيا جي سڀ کان وڏن 20 شهرن مان 15 شهر سامونڊي ڪنارن تي اڏيل آهن.بمبئي ۽ ڪراچي بہ انهن مان ہ وڏا شهر آهن.باقي شهرن جانالا هي آهن ٽوڪيو،ڍاڪا،سائوپالو،دهلي.مئڪسيڪوسٽي ،ڪلڪتو،لاگاس، لاس اينجلس ،شنگهائي،ميٽرومينبلا،بيجنگ ۽ قاهره آبادي جي لحاظ کان دنيا جي انهن 15 وڏن شهرن مان بمبئي ٻئي نمبر تي ۽ ڪراچي نائين نمبر تي آهي.هونئن بمبئي ايريا جي لحاظ کان ڪراچي؞ کان تمام ننڍڙو شهر آهي ان جي پکيڙ 4355 چورس ڪلوميٽر آهي جڏهن تہ ڪراچي جي پکيڙ انکان ٽيٽي آهي ۽ ڪراچي؞ کي سمنڊ واري پاسي ڪانسواءِ باقي پاسن ڏانهن وڌڻ لاءِ اڻ کٽ زمين آهي ان جي مقابلي ۾ بمبئي کي زمين جي کوٽ آهي.بمبئي بنيادي طور 7 ٻيٽن تي مشتمل هڪ علائقو هو انهن ٻيٽن جانالا (1)ڪولابا (2)فورٽ (3)ٻائيڪلا (4)پَريل (5)ورلي(6)ماٽونگا (7)مهيم آهن.جڏهن شهر وڌڻ لڳو تہ حڪومت هٿراڌو طور مٽي وجهي مختلف ٻيٽن کي هڪ ٻئي سان ملائي شهر ٺاهيو.اهوئي سبب آهي جو بمبئي شهر جي وچ وچ تي سامونڊي ڪنارا ۽ مئرين ڊرائيو آهن جن سان شهر جو حسن ٻيڻو ٿي وڃي ٿو.رات جي وقت شهر جي وچ ۾ سامونڊي ڪناري جو هڪ اڌ گول اهڙو آهي جنهن تي جڏهن بلبن جي قطار ظاهر ٿئي ٿي تہ اهو نظارو روشنين جي هار جيان لڳي ٿو ان ڪري ان کي Queen's Necklace يعني راڻي؞ جو هار سڏين ٿا.

ڪراچيءَ بمبئي ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين ۽ ڪيترا فرق آهن.هڪ فرق اهو به آهي ته ڪراچي شهر جو سامونڊي ڪنارو ڏسڻو هجي ته قصد ڪري ڪلفٽن،هاڪس بي يا پيراڊائيز پوائنٽ وغيره وڃڻو پوندو پر بمبئي شهر۾ روز مره جي ڪم ڪار لاءِ جيڪو به ماڻهو گهر کان ٻاهر نڪرندو سو به ٽي دفعا ضرور سامونڊي ڪناري تان گذرندو ڇاڪاڻ ته سامونڊي ڪنارا شهر جي وچ ۾ آهن.هاڻي ته حڪومت سامونڊي پاڻي مٿان 22 ڪلوميٽر ڊگهو رستو ناهڻ جي رٿا جوڙي آهي ته جيئن شهر تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽ ٿي سگهي.ان سان شهر جو حسن اجا به وڌي ويندو.

بمبئي شهر ڪي زمين جيئن ته گهٽ آهي ان ڪري ان جون عمارتون آسمان جو رخ ڪن ٿيون ۽ ٽريفڪ هلائڻ لاءِ اندر گرائونڊ ميٽرو ريلوي جي رٿا تيار ڪئي وئي آهي.هن وقت شهر ۾ تعميرات جو ڪم تيزي سان هلي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته شهر جو 55 سيڪڙو ڪچيون آباديون آهن.شهر ۾ گهرن ۽ پلاٽن جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن.اسان ڪي پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته گهر لاءِ پلاٽ جو چورس فٽ چاليهه هزار رپين ۾ ملي ٿوءِ هڪ فليٽ جي رقم5 يا 7 ڪروڙ رپين کان گهٽ ناهي ان ڪري ڪيترا ماڻهو پنهنجن ٻارن جون شاديون نه ٿا ڪرائين ڇاڪاڻ ته وٽن جاءِ ڪانهي.مالابار هِلِ جهڙن خوبصورت علائقن ۾ ته هاڻي نه ڪو ماڻهو پنهنجو گهر وڪڻي ٿو ۽ نه ڪو ٻيو ماڻهو نئون گهر خريد ڪري ٿو.

شهر جي اهڙي صورتحال جي روشنيءَ ۾ ڇچ غريب ماڻهن جي جياپي جو وڏو مسئلو آهي.مثال بمبئي شهر جي عملدارن پاڻ پئي ٻڌايو ته اڌ کان وڌيڪ ماڻهو ڪچين آبادين ۾ رهن ٿا جڏهن ته 65 لک ماڻهو رستن جي وٽ ۾ آسمان هيٺان سمهن ٿا ڇاڪاڻ ته ڪين گهر گهاٽ

ناهي.سو هنن جو چوڻ هو ته 12 لک ننڍا گهر اڏڻ جي هڪ رٿا تيار ڪئي اٿئون جنهن ۾ هوريان هوريان هنن ماڻهن کي منتقل ڪنداسين.بمبئي جي ميٽروپوليٽن ڪمشنر ڊاڪٽر ٽِي چندر شيکر جو چوڻ هو ته اسان وڏيڪ غير قانوني طور اينڊڙ ماڻهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ڪانپوءِ ڪچين آبادين ۾ وينل ماڻهن کي آباد ڪرڻ واري پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيا آهيون.هن جو چوڻ هو ته رهائش انسان جو بنيادي انساني حق آهي جنهن کان هن کي محروم ڪري نه ٿو سگهجي ۽ نه وري هندستان سرڪار ڪنهن غريب ماڻهوءَ جو گهر بلڊوز ڪرڻ جهڙي ڏاڍائي ڪري سگهي ٿي.ان ڪري اسان نوان گهر ناهي ماڻهن کي انهن ۾ ويهاري هر ڪٽنب کي ويهه هزار رپيا روڪ به ڏيون ٿا ته جيئن اهي پاڻ کي ۽ گهر کي ٺانئيڪو ڪري سگهن.

بمبئي شهر جا عملدار جيڪي گهٽو ٽٽو نوجوان ۽ ننڍي عمر جا پئي لڳا تن ۾ وڏي چاڻ ۽ سگهارو جذبو پئي نظر آيو.البته سوالن جا جواب معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ اندازو ٿي رهيو هو ته هو ڪن ڳالهين کي وڌائي پيش ڪري رهيا هئاءِ کي ڊاڙون به هنيائون پئي جن تان سوالن جي جوابن دوران ڦري ويا پر هڪڙي ڳالهه واضح هئي ته هو ترقي جي راهه تي گامزن هئا.شهر ۾ فلاءِ اوور نهي رهيا هئا.ڪنهن به مصروف ترين روڊ تي دونهون نظر نه آيو سيئي گاڏيون ۽ رڪشائون سي اين جي سان هلي رهيون هيون.شهر ۾ پنج ڏينهن گهمندي ڦرندي اسان ڪو روڊ حادثو نه ڏٺوءِنه ان بابت اخبار ۾ ڪا خبر پڙهي.شهر ۾ ڌوهه ،ڪرائيم ،ڦر جا واقعا ۽ قتل وغيره شايد بلڪل ئي نه هئا.پرڏيهي سياح ۽ خاص ڪري اڪيليون عورتون رات ڏينهن هر جاءِ تي بي خوف نظر پئي آيون.شهر جي وچ ساموندي ڪنارن تي مقامي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ياڪر پايون وينا نظر آيا پر ڪين ڪارو ڪاري قتل ڪرڻ وارا

ڪونہ هئا.شهر جي وچ وچ تي مندر مورتيون ،ڳئون ماتا ،نرڙ تي سَسندور جا ٽِڪا ۽ ڌوتي پاتل عورتون پهريون دفعو نظر آيون.

سفما جي هن پروگرام دوران ڪيترن ئي اهم معاملن تي ڏاڍيون ڪارگر ڪانفرنسون ٿيون.خاص ڪري شهري زندگي ۽ Urbanizationتي جيڪا ڪانفرنس ٿي انهہ‍ڪراچي جي نمائندگي نثار ميمڻ(سينيٽر)غازي صلاح الدين(صحافي)لورين ڊي سوزا (شهري اين جي او)بابر اياز۽ جميل يوسف(سٽيزن پوليس لائزان ڪميٽي)ڪئي.هنن جو خيال هو تہ ڪراچي شهر ۾ ترقي وارن ڪمن کي اڳتي وڌائڻ ۽ ترقياتي رٿا بندي جي سلسلي ۾ بمبئي جي تجربي مان سبق حاصل ڪرڻ تمام ضروري ٿيندو.

بمبئي شهر ۾ چار ضلعا ست ڪارپوريشنون،تيرنهن ميونسپل ڪائونسلون،ست شهري مرڪز۽ 950 ڳوٺ آهن.ستن ڪارپوريشنن مان هڪ الهاس نگر آهي جيڪاسنڌ مان لڏي آيل سنڌين جوڙجڙهہ آهي.مون کي الهاس نگر ڏسڻ جوموقعوملي نہ سگهيو پرمون ان شهر بابت ڪجهہ معلومات هٿ ڪرڻ جيڪوشش ڪئي۽ مونکي ٻڌايو ويو تہ 13چورس ڪلوميٽرن ۾پکڙيل ان شهر جي آبادي 8 لک آهي.الهاس نگر ۾پڻ غير قانوني آباديون آهن جن کي ريگولرائيزڪيوپيووجي .اسانکي خبر پئي تہ هندستان ۾ هڪ ننڍڙي آمريڪا آباد آهي يعني USAجنهن جواصلي نالو الهاس نگر سنڌي ايسوسئيشن آهي.هن شهر ۾ اوهان کي هر انهيءَ شيءِجي نقل سستي اگهہ ۾ ملي ويندو جيڪا آمريڪا ۾ ايجاد ٿي چڪي آهي يا ٿيڻي آهي.

دنيا جي هنن ٻن وڏن شهرن مان ڪنهن ۾ ڪاخاص ڳالهہ پلي هوندي تہ ڪا وري ڪا خاص اوٽائي بہ هوندي پرهڪ خاص ڳالهہ جيڪا قدرتي طور بمبئي کي ڪراچيءَ کان بهتر رکي رهي آهي سا آهي

برسات سال ۾ سراسري طور بمبئي ۾ ان جو ماپو 3200 ملي لٽر آهي.لورين ڊيسوزا جوچوڻ هوتہ بمبئي ۾ جيڪڏهن سال ۾ 200 انچ مينهن وسي ٿو تہ ڪراچي ۾ وڌ ۾ وڌ 5 انچ برسات پوي ٿي.

بمبئي باغ پئي لڳو قدرتي وڻڪار ۽ ساوڪ گل ۽ ٻوٽا قدرتي طور ماحول کي خوبصورت بڻائي رهيا هئا اسان جيڪي ڏينهن اتي هئاسون انهن دوران بہ دفعا هلڪي برسات بہ پئيءِ ٻڌايووئيپئي تہ هتي چوماسو شروع ٿي چڪو آهي البتہ برساتي موسم ۾ مينهن وسڻ کانپوءِ جيڪو سچ نکري آڙنگ ڪندو آهي سا گرمي بہ اسان بمبئي ۾ چکي.اتان جي هڪ انگريزي اخبار ۾ اهڙي بہ خبر پڙهي سون تہ ”اج ڪالهہ ڪراچي بمبئي کان وڌيڪ تتو شهر آهي.“

## هندُ جا سنڌي هِندُو

چون ٿا تہ ”هند توڙي هندو لفظ سنڌو مان نڪتل آهن.سنڌو درياهہ کي سنسڪرت ۾ ”سپت سنڌو“ڪري سڏيو ويو آهي.جنهن جي معنيٰ آهي”ستن دريائن جو اڳواڻ“.اهي ست درياهہ آهن پنجاب جا پنج درياهہ(جهلم،راوي،بياس،چناب ۽ ستلج)ڇهون درياهہ ڪابل جيڪو اٽڪ وٽان اباسين سان اچي ملي ٿو ۽ افغانستان جي جبلن مان مينهن جو پاڻي ميڙي جهجهي لٽ سميت اچي ٿو سنڌو درياهہ ۾ وجهي.هن درياهہ جو 15 ايم ايف ڪن پاڻي سنڌ جي پڇاڙ وارن علائقن جهڙوڪ ٺٽي ۽ بدين جي ڊيلٽا تائين وهي اچي ٿو ۽ سپت سنڌو جو ستون درياهہ ”سرسوتي“هو جيڪو زلزلي جي نتيجي ۾ زمين ۾ ٽٻي ڏئي گم ٿي ويو.انگريزي ۾ انکي Lost River بہ چوندا آهن اهو درياهہ جڏهن زمين جي متاچري تي وهندو هو ہ اوير طرف پنجاب لتاڙي سنڌ مان وهي ٿر جي نگر پارڪر لڳ پاري نگر وٽ ڊيلٽا ناهيندو هو ۽ اتي سمنڊ سان وجي

ملندو هو.ان ساموندبي پٽيءَ کي”گلف آف ڪڇ“ چوندا هئا پر مظهر يوسف پئرس مان هڪ قديم نقشو آندو هو جنهن ۾ گلف آف ڪڇ جي جاءِ تي ”گلف آف سنڌي“لکيو پيو هو.جنهن مان ان حقيقت جي ثابتي ملي ته جنهن کي اسان عربي سمنڊ ڪوٺيون ٿا ان جو اصلي نالو ”سنڌي سمنڊ“آهي.چاڪاڻ ته ڪڇ جو رڻ هن وقت جتي آهي اي 1819ع واري زلزلي کان اڳ سمنڊ لهرون هڻندو هو.زلزلي ڪري زمين مٿي تي وئي ۽ پاڻي هيٺ لهي ويو جنهن ڪري”رڻ“ پيدا تي پيو.هاڻي به چون تا ننگر پارڪر ۽ ڪراچيءَ وچ ۾ رڻ جي هڪ اهڙي پٽي آهي جنهن جي کوٽائي ڪري اها مٿانهين روڙي ڇڏجي ته ڪراچي واري سمنڊ جو پاڻي ننگر پارڪر وٽ پهچي وڃي.

سو ڳالهه نڪتي هئي سپت سنڌوءَ جي جيڪو ستن دريائن جو سرواڻ آهي ۽ هماليہ جبل مان ڪرندڙ مڙني دريائن مان وڏي ۾ وڏو درياهه آهي جنهن کي ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڏو درياهه سڏڻ رڪارڊ جي درستگي لاءِ بيحد ضروري آهي.

انهيءَ ”سپت سنڌوءَ“ کي قديم ايراني سلطنت جي بانين جن کي Achaemenianسڏجي ٿو تن قبل مسيح ۾ پنهنجي ٻاتي ٻوليءَ سان ”هيت هندو“ ڪري اچاريو،آريا جيڪي هتي آيا تن مان هڪڙا ٻاتا ۽ ٻيا ڪڙڪ آواز ڪيڻ وارا ماٺهو هئا انهن مان Soft spokenآرين جڏهن ”سپت سنڌو“ مان ”س“ کي ”هہ“ جي اچار سان اچاريندي ”هيت هندو“ چيو تڏهن لفظ”هند“ ۽ ”هندو“ ايجاد ٿيا.

اهو سنسڪرت ٻولي وارو زمانو هو،هندو برهمڻ راڄ ڪندا هئا،سنڌو ماٿري واري تهذيب جو زوال اچي چڪو هو اهو زوال ايترو زوردار ۽ خوفناڪ هو جو ماڻهن کان پنهنجي ٻوليءَ جي رسم الخط ئي وسري وئي هئي.ان دور کان هڪ هزار سال پوءِ هندو ڌرم جي برهمڻن

”برهمي“ لپي ايجاد ڪئي جنهن جي بدليل صورت اڄ تائين ديوناگري ۽ هندي ڀاشا سان هلندي اچي.ان وچ ۾ برهمڻ هندن جي پاڪ پوتر ۽ مقدس ويدن واري ٻولي سنسڪرت 200 ق.م ۾ فوت ٿي وئي ۽ Dead languageبڻجي ويئي.ڪاليداس انهيءَ ختم ٿي ويل ٻوليءَ جو عظيم ليکڪ آهي.سنسڪرت جي ختم ٿيڻ جو ڪارڻ اهو هو ته ها عام لوڪن جي ٻولي نه هئي پر وڏ گهراڻن هندو برهمڻن پنهنجي پاڪ ڪتابن لاءِ اها ٻولي پاڻ ناهي هئي ۽ جيئن ته ٻولين ڪي عام لوڪ ۽ عوام زنده رکندا آهن انڪري سنسڪرت زنده رهي نه سگهي ۽ مري ويو.

ان ڪانپوءِ پالي ٻولي رائج ٿي جيڪا ٻڌ ڌرم جي پاڪ زبان آهي.ٻڌ ڌرم جي باني گوتمن ٻڌ هندو ڌرم سان ذات پات جي مامري تي بغاوت ڪئي هئي.ٻڌن جي ”پالي ٻولي“600 ورهيه سنڌ ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور راڄ ڪيو ۽ ان جي اثر ڪري ان جا ڪيترائي لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿي ويا پر پوءِ اها حقيقت آهي ته سنڌي ٻولي دنيا جي چند وڏين ۽ اٿاهه ٻولين مان هڪ آهي ايسيتائين جو لسانياتي ماهر حيران پريشان آهن ته سنڌي ٻوليءَ مان جيڪڏهن سنسڪرت پراڪرت ،عربي ،فارسي ،هندي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ ڪڍي ٽا ڇڏيون تڏهن ٻه پوئتي سوين لفظ اڃا سنڌيءَ ۾ بچن ٿا جيڪي خبر ناهي ته ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا اهن ٿي سگهي ٿو ته اهي مُهين جي دڙي واري ٻوليءَ جا هجن پر وسوخ سان تڏهن چئي سگهبو جڏهن سنڌو لکت پڙهي ويندي.

بهرحال اهو ته ٿيو ”ڳالهه“ مان ”ڳالهوڙو“اصل ڳالهه اها هئي ته بمبئي ۾ڪجهه سنڌي هندن سان منهنجي جيڪا مختصر ملاقات ٿي.ان بات مان لکڻ پئي گهريو.

سڀ ڪان اول اسانکي جيڪي ماڻهو بمبئي جي دوري تي وٺي آياهئاءِ جن جومقصد ڪراچيءَ ۽ بمبئي وچ ۾ سهڪار پيدا ڪرڻو هو ان

تنظيم جي انديا آفيس وارن همراهن اهڙوته مصروف پروگرام ناهيو هوجورات جو سمهڻ لاءِ چند ڪلاڪن ڪانسواءِ باقي يا ته ڪانفرنسون هيون يا مختلف ادارن ڪي وزٽ ڪرڻ هو يا لنچ هئي يا ڊنر هئي ۽ هر رات موسيقي جو پروگرام هو جنهن ۾ پاڪستاني وفد ۾ شامل ٽينا ثاني به ڳائي پئي ۽ ٻيا مرد فنڪار به حصو وٺن پيا انڪري بمبئي شهر ۾ پنج ڏينهن رهڻ جي باوجود ايترو وقت نه مليو جو گهٽ ۾ گهٽ بمبئي جي سنڌين ڪي فون ڪري هنن سان ملاقات ڪجي ها.

مونکي پنهنجي دوست محمد علي پناڻ لاڙڪاڻي مان ڪامريڊ سوڀي ڪان ڪافي سنڌي هندو ليکڪن جا فون نمبر وٺي موڪليا هئا پر انهن سان ڇا رابطو ڪجي جو جيڪڏهن ملڻ لاءِ چوي ته ان ڪان معافي وٺڻي پوي ان ڪري سوچيم ته "مني به ماٺ ،ته مني به مات"بهر حال ميڊيا ڪانفرنس ۾ دور درشن ٽي وي جو ڊائريڪٽر مڪيش شرما جو آيو ته هن پنهنجي ٽي وي تي هلندڙ هڪ سنڌي پروگرام"سرويچ سنڌي" ۾ اچڻ جي ڪوٺ ڏني ۽ ان سانگي رام جواهراڻيءَ سان ملاقات ٿي جنهن بمبئي جي هڪ هوٽل روز روڊ ۾ ٿيندڙ تقريب ۾ سڏيو جيڪا هند جي بيحد قابل ماڻهو ۽ قانوندان رام جيٺملاڻيءَ جي مان ۾ ٿي رهي هئي چاڪاڻ ته انڊيا جي وزيراعظم هن ڪي(رام جيٺملاڻي ڪي) راجيا سڀا يعني پارليامينٽ ۾ ميمبر نامزد ڪيو هو رام جيٺملاڻي هند جو سابق قانون جو وزير رهي چڪو آهي هن سان منهنجي پهرين ملاقات آمريڪا جي گاديءَ واري شهري واشنگٽن ۾ ٿي هئي جتي هو منور لغاري جن پاران ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي پليٽ فارم تان بين الاقوامي سنڌي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ آيو هو.

مونکي ياد آهي ته رام جيٺملاڻي ان موقعي تي به ڪيڏيون اهم ڳالهيون ڪيون هيو هڪ ته هن پنهنجي تقرير ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ

سنڌين کي بين الاقوامي قانون جي روشنيءَ ۾ ”حق خود اختياري“بابت نصيحت ڪندي ٻڌايو ته هن حق ۽ عليحدگي ۽ ۾ وار جيترو فرق آهي،ان ڪري دنيا جي ڪابه رياست پنهنجن ماڻهن کي اهو حق ڏيڻ نه چاهيندي.

ٻيو هن اسلام جي پيغمبر جو هڪ قول ٻڌايو هو ته”عالم جي قلم واري مس شهيد جي خون کان برتر آهي.“

۽ ٽيون ته رام ڇيتملاڻي وري زاهد مخدوم جو گهرو يار هو سو انڪري هن سان اجا به ويجهڙائيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي،زاهد مخدوم ،خالد مخدوم ،احمد حسين مخدوم ۽ ثريا مخدوم جو پاءُ اڄ ڪالهه ڪئناڊا جي وئينڪور شهر ۾ رهي ٿو ۽ اتي جج آهي.

سو بمبئي ۾ رام ڇيتملاڻي سان ملاقات ڪري ڏاڍي خوشي ٿي هن به زاهد مخدوم ۽ منور لغاري کي ياد ڪيو ڪجهه جهونو پئي لڳو پر ساڳيو علم جو پندار ۽ پيارو ماڻهو.

اهو پروگرام مالهي ڪلچرل اڪيدمي طرفان ڪيو ويو سو ان جو سجو انتظام گوبند مالهي جي ڌيءَ شويا چندناڻي ڪري رهي هئي جيڪا هندستان جي ريلوي کاتي ۾ آفيسرياڻي آهي ۽ ڪيس مشينن جي اوزار ناهڻ جي هڪ فيڪٽري به آهي.اڪيدمي گوبند مالهي جي نانءُ نهيل هئي جنهن پنهنجي ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون“۾ لکيو هو ته ”امان مونکي چوندي هئي ته ڪڏهن جيڪڏهن ڪنهن ذهني بحران ۾ ڦاسي پوين ۽ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچئي ته ٻن ڪتابن مان ڪو هڪ ڪتاب هٿ ڪري ڪتان به کولي ويهي پڙهندين ته ذهني بحران مان ٻاهري اچي ويندين اهي به ڪتاب آهن:

(1) بابا گرونانڪ جو گرو گرنٿ صاحب

(2) شاهه جو رسالو

هن پروگرام ۾ اوچتو امر جليل سان ملاقات ٿي جيڪو 15 مئي کان هندستان آيل هو ۽ هتي هن کي ادب تي هڪ اعليٰ ايوارڊ ڏنو ويو هو مونکي ڏسي هميشه وانگي منهنجي ڪنڌ ۾ لڙڪيل عينڪ هٿ سان پاسي ڪري چڪي پاڪر پاتائين.امر چوندو آهي ته ”يار عينڪ ته پري ڪر ته دل دل سان ملي“بمبئي جي هوٽل ۾ ملڻ سان چيائين ته ”پاڻ ڪراچي ۾ رهندي به نه ملي سگهندا آهيون ۽ هتي بمبئي ۾ تا ملون.“.

بمبئي وراي سنڌي ادبي پروگرام ۾ نند جويري ،رام بخشاڻي ،ڪرشن راهي ،ڊاڪٽر بلديو بختراءِ مٽلاڻي،هرداس مکيجا(الهاس نگر جو اڳوڻو ميئر) پهلاج نهالاڻي ۽ سريش ڪيسواني(منارٽي ڪمشنر) ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌلاجي جو لکمي ڪلاڻي موجود هئا.

مان پروگرام پوري ٿيڻ ڪان ٿورو اڳ ۾ اٿيس چاڪاڻ ته اهو ڏينهن 26 مئي جو هو ۽ اسان کي 27 مئي تي واپس ڪراچي ورڻو هو سو مونکي انتظار هو ته واپس ورڻ کان اڳ بمبئي مان نندي پٽ امر پيرزادي جي شادي ۾ ڪنوار لاءِ ڪا ساڙهي وٺيون وڃان ٻاهر نڪتس ته نند جويري مليو جيڪو ڪنهن چنتا سان ڪيڏانهن وڃي رهيو هوهن ٻڌايو ته امر جليل هن وٽ رهيل آهي هن مونکي پنهنجي ڪار ۾ هڪ ٻن ساڙهين جي دڪانن تي وٺي هليو پر دڪان بند ٿي چڪا هئا پوءِ هن مونکي هڪ جاءِ تي ڇڏيو جتان ٽيڪسي ڪري مان پنهنجي هوٽل ”تاج محل“ اڳوڻو ۽ هاڻي”تاج پريزيڊنٽ“هليو آيس.

هڪ ڏينهن اڳ تاج هوٽل ۾ هڪ عمر رسيدو سنڌي هندو عورت سان ملاقات ٿي جنهن ٻڌايو ته ”شيخ ذات جا ماڻهو هڪڙا يهودي ٿيندا آهن ٻيا لوهاڻا ۽ ٽيان عرب شيخ“ اتي مون سان گڏ پروفيسر محمد علي شيخ ،پرنسپال سنڌ مدرسو ڪراچي به گڏ ويٺو هو ۽ مان سوچي رهيو هوس ته ”مان ڪهڙو شيخ آهيان؟“منهنجي ڳوٺ جو نالو ”حاجي لعل

بخش شيخ“ آهي جيڪو مُهين جي دڙي لڳ سنڌو درياهه جي ڪناري تي آباد آهي ڳوٺ تي جنهن ماڻهوءَ جو نالو پيل آهي سو منهنجو سڳو نانو آهي ۽ مان سندس ڏوهٽو هڪ ٻن نسلن ڪانپوءِ ”پيرزادو“تي ويو آهيان.چا اهو ”ڪڳي مان يقين شاهه“وارو معاملو ته ناهي واقعي ويچارا سنڌي پيڙهيل هئڻ ڪري احساس محرومي جو شڪار آهن”ڪلهوڙا“چون ته اسان ”عباسي“ آهيون ”شيخ“چون ته اسان عرب ڪان آيا آهيون.هرٻيو ماڻهو سچو سيد چورائڻ ۾ فخر محسوس ڪري سواءِ ان سوچڻ جي ته خود عربن جو وات سنڌو تهذيب جو ٻڌي پاڻي پاڻي ٿيندو آهي.

# حسن ،سنگيت ۽ سرمستي

مون هڪ دفعي سائين علي احمد بروهي(مرحوم)کان پڇيو هو تہ ”اهو ڪهڙو راز هو جو اوهان سنڌي ماڻهو تي ڪري گڏيل هندستان جي بحري فوج واري بغاوت (Naval Mutiny of 1946) جا ليڊر تي ويا هئا؟“تہ هن پنهنجي روايتي مزاحيہ انداز ۾ جواب ڏيندي چيو هو تہ”هڪ تہ منهنجا مهاندا مرهٽن جهڙا هئا ۽ ٻيو مونکي پنجابي ٻولي چوٽ ڳالهائڻ ڏانءُ ايندي هئي انڪري مان ليڊر تي ويس.“

ان زماني ۾ مون ڪي اندازو نہ هو تہ مرهٽا وصفن ۾ ڪيئن هوندا آهن پر بمبئي شهر ۾ پنج ڏينهن رهڻ سان خبر پئجي وئي تہ ڪيتري ويهين سئو آهي.

23 مئي 2006ع تي جيئن ئي ڪراچيءَ کان ٻن ڪلاڪن جي اڏام ڪانپوءِ هوائي جهاز بمبئي ايئر پورٽ تي ساڍي 12 وڳي ڏاري لٿو ۽ اسان تيهہ ڄڻا گروپ جي صورت ۾ ايئر پورٽ اختيارين جهڙوڪ ڪسٽم ،اميگريشن وغيره کان ٿيندا سامان چيڪ ڪرائي ايئر پورٽ کان ٻاهر نڪتاسين تہ ذري گهٽ ٻنپهرن جا 2 ئي لڳا.

ٻاهر نڪرڻ سان پهرين فرصت ۾ مون ڪراچي واري گهر فون ڪرڻ چاهي تہ جيئن معلوم ڪري سگهان تہ منهنجي ٻُنهن جيڪا نديڙي ڌيءَ سان گڏ ڪالهہ شام يورپ جي ملڪ آسٽريا جي گادي واري شهر ويانا رواني تي هئي سا اُتي خيريت سان پهتي يا نہ؟هو اتي پنهنجي مڙس سان گڏ رهڻ لاءِ رواني تي هئي.جنهن کي اسان سيئي گڏيل ڏينهن ڪراچي ايئر پورٽ تي چڙهي آيا هئاسون.اتي هن جو مڙس يعني

منهنجو ٽيون نمبر پٽ زيد احمد پيرزادو مائڪرو بائلاجي ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهيو آهي.هن جو اتي پهچڻ جو وقت 10 وڳي صبح هو،انهيءَ وقت منهنجو جهاز بمبئي لاءِ ڪراچي ڪان روانو ٿيڻو هو جنهن ڪري موبائيل فون بند رکڻي هئي.گهر وارن کي ته 10 وڳي اها خبر پئجي وئي هئي پر مونکي اها خبر بمبئي پهچڻ ڪانپوءِ ئي پئجي سگهي پئي سو مون ايئر پورٽ جي ٻاهران اتي جو اتي هڪ پي سي او تي فون ڪري دلجاءِ ڪئي ته قطر ايئر لائين ذريعي دوها ۾ ڊرابو ڪري هوءَ ويانا خير سان پهچي وئي آهي.جتي هن جو مڙس ڪيس وٺڻ آيو هو.

ان ڪان اڳ ايئر پورٽ تي لهڻ سان مختلف ڪائونٽرن تي مرهٽا مرد ۽ عورتون نظر آيون جن کي ڏسي مونکي پٽائي جو هي بيت ذهن تي تري آيو

ڪاريون ڪوجهيون ڪُ وڙيون مور نه موچاريون
وني وينيون وات تي ڪِڪِيءَ جون ڪاريون
اُنين جون آريون، سَمي ريءَ ڪير سَهي

دراوڙي رنگ ۽ نسل جا مرهٽا ماٿهو جنگ وڙهڻ ۾ ڏاڍا بهادر(چاڪاڻ ته هنن جي شيواجي اورنگزيب کي شڪست ڏني هئي)ڪم ڪار جا محنتي ،ايتري تائين جو سموري هندستان جي معاشي ترقي ۾ سندن وڏي ۾ وڏو حصو آهي.وڏي ڳالهه اها آهي ته ڪمپيوٽر جي جهان ۾ انهن ڪارڙن ڪوجهڙن ماڻهن ڏاڍي ترقي ڪئي آهي.سندن عورتون مردن ڪان وڌيڪ ذهين ۽ محنتي پيون لڳن ۽ پنهنجي مادري ٻولي مرهٽي ڪان وڌيڪ انگريزي ٻولي ائين پيون ڳالهائن جڻ جمڻ ڪان ان سان واهپو هجين.

چيف منسٽر شري ولاس رائو ديش مُکُ نوجوان سانورو سهڻن وصفن وارو سادي ڊريس پهريل هو.بمبئي پهچڻ سان موٽر ڪارون ۽ وڏيون بسون اسان کي تاج هوٽل تي وٺي ويون جتي اسان سيني کي نرڙ تي سنڌور جو ريٽو تلڪ هڻڻ لاءِ بہ خوبصورت نوجوان ڇوڪريون هٿن تي ڏياٽيون ٻرندڙ ٿاليون کنيون بيٺيون هيون اسان جي گائيڊ مسز ڊمپل گانڌي اسان کي هوٽل جي ڪمري جون چاٻيون حوالي ڪيون اهي چاٻيون لوهہ جون نہ پر ڪمپيوٽر ڪارڊ جي صورت ۾ هيون جيڪي هوٽل جي ڪمري واري در جي هڪ سوراخ ۾ وجهڻ سان در کلي پيو وڃي.مون اهو سسٽم پهريون دفعو آمريڪا جي شهر شڪاگو جي فاءِ اسٽار هوٽل شيرٽن ۾ ڏٺو هو.تاج محل جنهن جو سڄو نالو تاج پريزيڊنٽ هو سو بہ فاءِ اسٽار هوٽل هو ۽ دنيا جي وڏن هوٽلن مان هڪ هو.هن هوٽل جو ذڪر ڪيترن ڪتابن ،ناولن ۽ سفرنامن ۾ ملي ٿو.سنڌ جو سيد ميران محمد شاهہ جيڪو ڀٽ شاهہ تي ڀٽائي جي ميلي لڳائڻ ۽ ڀٽ شاهہ ڪلچرل سينٽر جو باني آهي ان جو چوڻ آهي تہ”نہ مون کي ڪڏهن بمبئي جي ”تاج محل“هوٽل لنڊن جي ”وارچيسٽر هوٽل“پئرس جي ”جارج سنئڪ هوٽل“ ياجرمني جي”فرئنڪفرٽ هوف ڪلب“يا مئڊرڊ جي”ڪيفي روزا“جي ماحول ۾ سيني جو سرور ۽ دلي سڪون حاصل ٿيو،جو دائود موچيءَ جي دڪان قاسم ڪٽيءَ جي ايوان يا برهان لوهار جي ڊُود مان ويلن جي ويلا ويهي ،جهونجهارن جون جنگيون ۽ جلهون،سگهڙن جون ڪويتيون۽ ڪهاڻيون ،شاعرن جون في البعيد وايون ۽ وراڻيون ۽ ٻڌي ڳنڀير جون ڳجهارتون ۽ ڳالهيون ٻڌي حاصل ٿين (ڏسو ص 111 ۽ 112 ڪتاب”ڀٽائي جو ثقافتي ورثو“ليکڪ منظور احمد قناصرو)

30 ڄڻن واري وفد جي هر ماڻهوءَ کي الڳ ڪمرو هو منهنجو ڪمرو نمبر 320 هو يعني ٽين ماڙ تي جڏهن تہ 15 هين ماڙ تي بہ ڪمرا

هئا.هوٽل ڪي سئمنگ پول ،ريٽوران،ڪمري ۾ ننڍڙي بار پيئڻ۽کائڻ لاءِ مختلف شيون۽سکون باٿ روم ۾لوشن ،شيمپو،ڪريمون،وهنجي پائڻ لاءِ گائون ،بيڊروم سلپرس ،ٽيليفون ۽ ٻيون سهولتون هيون.

هوٽل ۾ ڊراپو ڪري جلدي ”جي واءِ پون“نالي جاءِ تي وني ويا جتي رياست جي وڏي وزير اسان جي آجيان ڪئي.ان موقعي تي مسٽر ڪمار ڪيٽڪر ايڊيٽر”لوڪ ستہ“ مسٽر ڪي ڪي ڪٽيال پريزيڊنٽ سفما،مسٽر ونود شرما(ايڊيٽر هندستان ٽائمز)۽ جنرل سيڪريٽري سفما،امتياز عالم سيڪريٽري جنرل سفما،مسٽر چيني ۽ نين پٽيل تقريرون ڪيون.رات جو چيف منسٽر جي ڊنر هئي ڊنر کان اڳ نوشاد جي ياد ۾ سنگيت جو پروگرام هو جنهن ۾ بمبئي مان هڪ ميوزڪ گروپ گهرايو ويو هو اصل ڳائڻي هڪ جنت جي حور جهڙيTeenage ڇوڪري هئي جنهن جوهار سينگار،حسن،ناز وانداز،آواز ۽ هندي ،مرهٽي ۽ انگريزي ٽنهي ٻولين تي دسترس ڏسي ۽ هن ٻاڌي لئنگويج پڙهي سمجهہ ۾ اچي پيو تہ هندستان ۾ موسيقي واري اداري ڪي ڪيڏي جماليات سان سينگاري ترقي ڏني وئي آهي.

ان موقعي ڪي شرف بخشڻ لاءِ دليپ ڪمار ۽ سائره بانو بہ محفل ۾ موجود هئا جن جو بار بار ذڪر ٿي رهيو هو.دليپ ڪمار ننڍي کنڊ جو Legendaryاداڪار آهي ۽ سائره بانو سندس اجا تائين ساٿياڻي آهي.چوڻ وارا چون ٿا تہ لتا کان وٺي بيشمار خوبصورت ۽ نامور عورتون دليپ ڪي دل ڏيڻ گهرن پيون پر هن پنهنجي دل سائره بانو جي پرس ۾ رکي ڇڏي هئي ان جو فائدو ڪيس هن عمر ۾ ملي رهيو هو.مون ڏٺو تہ سائره بانو،دليپ ڪي هٿ کان وٺي ڊنر ۾ گهمائي رهي هئي خبر ناهي هن جي نظر خراب هئي يا دل جي تڪليف ڪري هلڻ ۾ تڪليف محسوس ڪري رهيو هو.بمبئي جي نوجوان ۽ حسين ڳائڻيءَ پنهنجي ذات جو جادو

جرڪائي بس ڪئي تہ پاڪستاني وفد ۾ شامل ٽينا ثاني ۽ سڄيءَ ماحول جا تائر اتاري ڇڏيا.جڏهن هن مائي ڀاڳي جو لوڪ گيت”ڪڙي نيم ڪي نيچي.......“سنڌي پيروي ۾ ڳاتو ۽ لڳي پيو تہ هن جو آواز ڳلي مان نہ پر اندر جي پاتال مان نڪري رهيو آهي.

ان محفل ۾ مهاراشٽر رياست جي وڏيوزير جو پٽ بہ نمايان هو جنهن تازو اداڪاري شروع ڪئي آهي ۽ ڏادي ڪا ڪاميابي ماڻي اٿائين.

ٻئي ڏينهن هڪ پروگرام ۾ ٽينا ثاني سان منهنجي ڳالهہ ٻولهہ تي ڪنهن هندستاني ميزبان منهنجي مٿي تي سنڌي ٽوپي ڏسي چيو تہ اوهان سڀئي سنڌي آهيو؟تہ ٽينا ثاني تڪڙ ۾ جواب ڏنو تہ ”مان پنجاپڻ آهيان!“ان وقت مون ڪٽي چپ ڪئي پوءِ پروگرام ڪانپوءِ چانهہ پاڻي وقت وچي هن جي پر ۾ وينس ۽ ڪيس چيم تہ پنجابي ۽ سنڌي توڙي سرائيڪي سنڌو تهذيب جي ساڳي ثقافتي پٽيءَ ۾ وينل هڪجهڙا ماڻهو آهن ڇا هنن سيني کي تبت کان وٺي ڪراچي تائين سنڌي چوڻ تاريخي طور غلط آهي ڇا؟ان تي خيالن جي ڪجهہ ڏي وٺ ڪانپوءِ ۽ خاص ڪري ٽِنائي جي ذڪرنڪرڻ ڪانپوءِ هن چيو تہ پيرزادا مون کي ٽِنائي جو راڳ پنهنجي لئپ ٽاپ مان ٽرانسفر ڪري ڏي تہ مان ٻڌان مون ڪيس تاڪيد ڪيو تہ سنڌو ماٿري جو دائمي درد ڳائڻو اٿئي تہ ٽِنائي جو راڳ ٻڌ ۽ ڳاءِ هن پٽ شاهہ تي بہ هلڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ۽ وڌيڪ ان سلسلي ۾ ڪراچي پهچي رابطا ڪرڻ جي طئي ٿيو.

بمبئي جي پنجن ڏينهن واري دوري دوران هر رات ثقافتي وروونهہ جو پروگرام هجي،حسن ،سنگيت ۽ ناچ مٿان وري موڪي جا ڇڪايل مَٽ ،سرور ،مستي ،انسان جو پنهنجي انا ،ٻهروپي،وحشي جيوت ۽ جانور واري آپي مان نڪري سرمستي ۾ اچي سچل سرمست تي پوڻ،ڳالهيون سلڻ نہ جهڙيون ۽ ڪرڻ نہ جهڙيون ڪرڻ ۽ مهين جي دڙي

واري ڪنگ پريسٽ جي اڏ ڪليل خماريل اکين سان ڊانسنگ گرل کي ڏسڻ! ........ ۽ صبح جو نارمل انسان ٿي هوش حواس سان سوچي سمجهي هڪ هڪ دليل هڪ هڪ رپئي جيان جمع ڪري پونجي ٺاهي غربت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ٽين دنيا جي ٻن ملڪن جي تقدير تبديل ڪرڻ جا ڏينهن ڏٺي جو جاڳندي خواب ڏسڻ!!!!!!!

# ڏکڻ ايشيا جو خواب

دنيا جي پنجن کنڊن (ايشيا آفريڪا،يورپ،آمريڪا ۽ آسٽريليا) مان ايشيا کي وري ”ڏور اوڀر“(فار ايسٽ) وچ اوڀر(مڊل ايسٽ) وچ ايشيا،وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ ورهايو ويو آهي.سائوٿ ايشيا ۾ هندستان،پاڪستان،بنگلہ ديش،سريلنڪا ،نيپال،ڀوٽان ۽ مالديپ شامل آهن.اگسٽ 1983ع ۾ نئين دهلي ۾ انهن ستن رياستن تي ٻڌل هڪ تنظيم”سارڪ“جو بنياد وڌو ويو (SAARC)يعني سائوٿ ايشين ايسوسئيشن فار ريجنل ڪوآپريشن.

دنيا جو اقتدار ڦرنڊڙ گرنڊڙ گولو رهيو آهي اها ٻہ هڪ جوا آهي.ڳوٺون اڇلايو ڪِٽِي پوي يا چڪو پينگ تي وڃي يا پئون ٻارنهن اقتدار جو اُٺُ ڪڏهن هڪ پاسي تہ ڪڏهن ٻئي پاسي جهُڪي ٿو.برٽرنڊ رسل برطانيا جي فلاسافر ۽ ڏاهي Reflections on Reawakening Eastعنوان سان هڪ مضمون لکيو هو جيڪو انٽر جي شاگردن لاءِ انگريزي جي پيپر ۾ لازمي هوندو هو.اهو مضمون جيئن تہ ڏکيو هوندو هو ان ڪري شاگرد ۽ استاد ٻئي ان کي ڇڏي باقي سبق پڙهي امتحان جي تياري ڪندا هئا.پر مان ماستري واري دور ۾ اڳ ۾ ئي اهو مضمون شاگردن کي پڙهائيندو هوس جيڪو شروع ۾ ڪين ڏکيو لڳندو هو پر پوءِ ان جهڙو دلچسپ مضمون ٻيو ڪين ڪونہ سُجهندو هو.ان ۾ تفصيل سان ڄاڻايل آهي تہ دنيا جو اقتدار مختلف دورن ۾ ايشيا ،يورپ ۽ آمريڪا واري عالمي ٽڪنڊي جي ٽن ڪنڊن سان ڪئين ۽ ڪڏهن ٽڪرائيندو رهيو آهي.

بهرحال اها حقيقت آهي ته سڀ ڪان اول عالمي اقتدار ايشيا ۾ آيو ان عالمي اقتدار واري سلطنت جو نالو اندس ويلي سولائزيشن(سنڌو تهذيب)هئي ۽ ان جي گادي جو هنڌ مهين جو دڙو هو هڙپا ۽ بيا ڪيترائي شهر انهيءَ ڏهه هزار ورهيه پراڻي تهذيب ۾ موجود هئا ان وقت آمريڪا جو ڪنهِ اجا ڪولمبس ڳولي ڪونه لڌو هو ۽ يورپ اونداهو ڪنهِ ليکيو ويندو هو

پوءِ چوڻ وارا چون ٿا ته ايشيا جي انهيءَ عظيم تهذيب جو زوال آيوءِ جنهن طاقت ان تهذيب کي ڪمال ڏنو هو.ان ئي ڪيس زوال ڏنو يعني سنڌو درياهه جيڪو شِوِ ڀڳوان وانگي تخليق ۽ تباهي ،جم ۽ موت جو ديوتا آهي Creator, Destroyer and Preserver وري ڪي چون ٿا ته زلزلي جي نتيجي ۾ مهين جو دڙو تباهه ٿيو ته ڪي چون ٿا ته سوين سال لاڳيتو سوڪهڙو ٿيڻ ڪري ماحولياتي خرابي ان جو ڪارڻ هو.

بهرحال پوءِ ڪڏهن ايشيا ته ڪڏهن يورپ ۽ هاڻي آمريڪا جي ڪلهي تي عالمي اقتدار وارو پکي اچي وينو آهي.

هن وقت ايشيا جي حالت اها آهي ته عرب ماڻهو زمين تي زور سان بوٽ جي ڪڙي ٿا هڻن ته تيل نڪري پوي ٿو.عربن جو تيل پيٽرو ڊالر ڪمائي ٿو پر عرب ايڏي اٿاهه ملڪيت مان دنيا جي وڏي طاقت ٿي نه سگهيا آهن.چاڪاڻ ته هنن عياشيءَ تي پنهنجا جملي پئسا گهوري ڇڏيا آهن ،بلڪل سنڌي وڏيري جيان جيڪو ڪراچي جي ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي ڪنهن ايئر ڪنڊيشنڊ بنگلي ۾ نچندڙ حسين عورت تان گهورڻ لاءِ هزار روپين واري دستي جي لوهي پن ڪڍي نوٽن جي ٿهيءَ کي چت ۾ تيز ڦرندڙ بجليءَ جي پکي ڏانهن اڇلائي هٽندو آهي....پوءِ سجي هال ۾ ڪڙڪ نوٽن جي ڪڙڪڙ تي ويندي آهي ۽ پوءِ هڪڙا همراهه اٿندا آهن جيڪي اهي نوٽ ميڙيندا آهن.رات جو انهن ماڻهن کي انگريزي ۾

Pimpچئبو آهي جڏهن تہ ڏينهن جو ساڳيا ماڻهو پنهنجن پنهنجن علائقن جا ”دادا“ هوندا آهن.

سو اهو حال تہ ٿيو عربن جو باقي ايشيا ۾ جپان ٽيڪنالوجي واري ميدان ۾ آمريڪا کي بہ شهہ ڏئي ڇڏي آهي ان ڪانپوءِ چين آهي جنهن اقتصادي ترقي۾ دنيا جا وڻ وجائي ڇڏيا آهن.آمريڪا حيران پريشان آهي تہ هن جن کي بوتل ۾ ڪيئن بند ڪجي روس جي ٽٽڻ ڪانپوءِ چين خود بخود سوشلزم کي جهڪو ڪري سرمائيداري کي تورو تيز ڪيو آهي ۽ ان جي آبادي ارب ڪان ٽپي وئي آهي جڏهن تہ ٻارن پيداڪرڻ جي رفتار ٻڙي ٿي ويئي آهي.انڪري هاڻي چيو وڃي ٿو تہ ايندڙ ڏهاڪي دوران چين دنيا جي عظيم اقتصادي طاقت ٿيڻي آهي چين ڪانپوءِ هندستان آهي جنهن جي آبادي پڻ ارب ڪان ٽپي وئي آهي ۽ ان جي دعويٰ آهي تہ چين جي اقتصادي ترقي جي شرح ڪيتري بہ وڌيڪ هجي پر هندستان جي معيشيت مارڪيٽ ايڪانومي واري آهي جڏهن تہ چين کي عالمي مارڪيٽ ناهي.

سو چين ۽ ڀارت بہ وڏا طاقتور سانَ آهن جن جي پيرن ۾ ڪيترا ٻوڙا لتاڙجي ويندا جيڪڏهن اهي پاڻ ۾ وڙهڻ جو ڪر فيصلو ڪندا البت اقتصادي ترقي جي لوڀ ۾ ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي سان ”وڙهہ گِير“ بند ڪري ڇڏي آهي.

(”گِير لفظ جو مصدر گِرڻُ آهي ڪتو گِرندو آهي يونڪڻ ڪان اڳ)

ايشيا جي انهن ٽن ملڪن جهڙوڪ چين انڊيا ۽ جپان ڪانپوءِ ڏکڻ ايشيا جون ننڍيون رياستون پاڪستان،بنگلہ ديش،سريلنڪا،نيپال،ڀوٽان ۽ مالديپ پڻ ترقي ڪرڻ گُهرن ٿيون.

انڪري اڄ ڪلهہ هڪ سوچ پيدا ٿي آهي تہ جيڪڏهن هندستان ڏکڻ ايشيا جي ٻين ڇهن رياستن سان سهڪار ڪري تہ سارڪ ملڪ

گڏجي سڏجي شايد ايشيا جي نمبر ون طاقت تي سگهن ٿا ۽ چين کان ان ڊوڙ ۾ اڳ ڪڍي سگهن ٿا.

اهڙي عالمي منظر ۾ شايد آمريڪا کي به دلچسپي هوندي ڇاڪاڻ ته روس کان پوءِ سوشلزم جو ڳڙهه چين رهيو آهي.شايد آمريڪا به چاهيندو هوندو ته ايشيا ۾ هندستان وڏي طاقت ٿئي ۽ چين نه ٿئي انڪري هندستان سان ايٽمي سهڪار جو معاهدو به آمريڪا ڪيو آهي.

هوڏانهن وري ڏکڻ ايشيا جون ننڍيون رياستون پنهنجي معيشت لاءِ هندستان جهڙي وڏي ۽ اٿاهه مارڪيٽ کي غنيمت سمجهن ٿيون.پاڪستان سوچي ٿو ته هتان جو انب،زيتون،ڪپهه ،فٽ بال يا ڪو اوزار ،ڪجور ،ڳاڙها مرچ هڪ ارب عوام واري مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ لاءِ وڃن ته ٻيو ڇا کپي؟

سنڌ جو به ان ۾ فائدو آهي ته جيڪڏهن هندستان وارو باردر کلي ٿو ته پنجاب کي مجبوري وچان سستي اگهه تي پنهنجا وکر وکڻڻ بدران سني اگهه تي گجرات،ڪڇ،مهاراشٽر يا اتر پرديش وغيره ۾ وڪرو ڪري سگهجن ٿا.ان سان گڏ ثقافتي مٽا سٽا ادبي اچ وڃ،قديم آثارن جي شعبي ۾ تعاون،هندستان ۾ پٿائيءَ جا آثارءِ سنڌو تهذيب جا اهڃاڻ هٿ ڪرڻ ۾ پڻ هٿي ملندي.

سو اهو ڏکڻ ايشيا جو خواب آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن ۾ هي خطو ايشيا جو ٽائيگر ٿي سگهي ٿو شرط اهو آهي ته سول سوسائٽي هندستان ۽ پاڪستان جي حڪومتن تي دٻاءُ وجهي ته اهي جنگ کان پاسو ڪن.ڪشمير جو مسئلو حل ڪن هٿيارن تي پئسو ضايع نه ڪن ۽ ٻنهي ملڪن جي غريب عوام جي حق ۾ به طرفا لاڳاپا وڌائين.مثال ڪراچي ۽ بمبئي کي ڳنڍڻ لاءِ سنڌوءَ جي ڊيلٽائي علائقي مان ننڍين ٻيڙين ذريعي سنڌو درياهه جي ڪارين جي سمنڊ سان ملندڙ منهن وٽان

سفر ڪري سير ڪريڪ اورانگهي بستا ڪان ٽيندو پور بندر پهچي اڳتي وڏي بمبئي هليو وڃجي.اهڙي طرح ڪراچي ڪان سڄي پاڪستان ۽ سنڌ جا وکر سنڌ جي جبلن جون شيون،ٽر جو سامان،انب،ڪارڪون،زيتون، اجرڪ،جتيون ،ڳاڙها مرچ ڪپهه،جڙيون ٻوٽيون ،گريناءيٽ ،چيني مٽي ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا ڪٽي بمبئي جي مارڪيٽ ۾ وڪٽي سنڌ کي آسودو بڻائي سگهجي ٿو ۽ ان سان ڊيلٽائي عوام کي روزگار به ملندو ۽ درياهه جي ڀچاڙ ۾ سياحت کي به هٿي ملندي.

# ڪراچي ۽ بمبئي وچ ۾ جهاز راني

بمبئي ياترا جنهن سلسلي جي ڪڙي هئي سو هو سفما(سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسئيشن)پاران پاڪستان ۽ هندستان جي عوام کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جي سلسلي ۾”ڪراچي_ممبئي مٿا سٽا وارو پروگرام“ان پروگرام مطابق 23 مئي کان 27 مئي تائين ڪراچي مان 30 ڄڻن جو هڪ وفد بمبئي جو دورو ڪري آيو ۽ اڄ جون 10 تي ان جي موٽ ۾ بمبئي مان 35 ڄڻن جو وفد ڪراچي پهچي رهيو آهي.

هندستاني وفد ۾ برک صحافي،وڏا واپاري،اعليٰ سرڪاري عملدار،سياسي اڳواڻ فلم انڊسٽري سان تعلق رکندڙ ماڻهو،عورتون ۽ مرد شامل هوندا جن کي هندستان جي سفما واري شعبي جا سرگرم اڳواڻ ڪراچي وٺي ايندا.

ڪراچي ۾ هندستاني دوستن کي شهر جون ڪيتريون ئي جايون ماڳ مڪان،واپاري مرڪز پريس ڪلب،موهاٽا پئلس(مهتا محل)ساموندي ڪنارو ۽ ڪي ايم سي توڙي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري وغيره گهمايا ويندا.

سنڌ جو وڏو وزير ڊاڪٽر ارباب رحيم آواري هوٽل ۾ شام جو سندن آجيان ڪندو جنهن ڪانپوءِ ڪراچي ممبئي لاڳاپن جي سياسي واپاري ۽ صحافتي پهلوئن تي صلاح مشورا ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي دوري دوران ڪراچيءَ جو ناظم مسٽر ڪمال مصطفيٰ ۽ بمبئي جو ميٽرو پوليٽن ڪمشنر ڊاڪٽر چندر شيکر ٻنهي شهرن جي ترقياتي

رٿائن جا تفصيل بيان ڪندا ۽ ان جو جائزو وٺندا تہ ٻنهي شهرن وچ ۾ ان حوالي سان ڪهڙو تعاون ڪري سگهجي ٿو.

هندستاني وفد ڪي سنڌ اسيمبلي جو پڻ دورو ڪرايو ويندو جتي ڊپٽي اسپيڪر مس راحيلا ٽوانا سندن مان ۾ ڊنر ڏيندي ان موقعي تي راڳ رنگ جو پروگرام پڻ ٿيندو.

بمبئي جي دوري دوران ٻنهي شهرن جي تعليمي ماهرن پاڻ ۾ هڪ ناهہ تي صحيحون ڪيون هيون جنهن جو مقصد ٻنهي شهرن جي شاگردن ۽ استادن کي ٻنهي شهرن جا دورا ڪرائڻ ۽ بستي توڙي ڪراچي جي تعليمي سهولتن مان ٻنهي شهرن جي شاگردن ۽ استادن کي فائدو رسائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ هو تي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي بمبئي يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي ڪمپيوٽر واري شعبي ۾ تعليم لاءِ ڪا ٻيرائي حاصل ٿي سگهي.

اهڙي طرح ان امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي تہ ڪراچي واسين جي ممبئي واري دوري ڪانپوءِ ممبئي ڪارن جي ڪراچي واري دوري دوران ٻنهي عظيم واپاري شهرن وچ ۾ ڪو واپاري ناهہ صحيح ڪيو وڃي.اهڙو ناهہ ٻنهي شهرن جي پريس ڪلبن ،ثقافت وارن ڪاتن،قديم آثارن وارين اٿارٽين ،شهري حڪومتن ساموندي ڪناري جي سنياليندڙن،سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ دلچسپي رکندڙن الهاس نگر ۽ ڪراچي جي سنڌي آبادين،سنڌي پريس جي مالڪن،صوفي شاعرن ۽ بزرگن جي درگاهن جي رکوالن ۽ عام ماڻهن وچ ۾ پڻ صحيحون ڪيون وڃن جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي شهرن جي تجربن ۽ قابليت کي هڪ ٻئي لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن بهتر انداز سان طئي ٿي سگهندو جڏهن ٻنهي شهرن وچ ۾ آمدرفت يعني اچ وڃ لاءِ بمبئي جو قائونصل خانو

بمبئي ۾ ڪلي وجي.جنهن سان ڪراچي واسي بمبئي لاءِ ويزا ڪراچي مان حاصل ڪري سگهن.اجا به ائين ٿيڻ گهرجي جيئن سفما تجويز ڪيو آهي ته صحافين ،ليکڪن ،فنڪارن ۽ واپارين لاءِ ويزا ختم ڪئي وڃي.

ان لاءِ ٻيو اهم ڪم ٻنهي شهرن کي سامونڊي رستي پاڻ ۾ ملائڻ آهي اهو ڪم پڻ هنئي دوري دوران ٿيڻ گهرجي ۽ ان حوالي سان ڪنهن حتمي ناهه تي صحيح ٿيڻ گهرجي.ان حوالي سان هتي ڪراچيءَ ۾ توڙي بمبئي ۾ اتان جي پريس آڏو مون مشورو ڏنو هو ته ڪراچي بمبئي فيري سروس يعني ٻنهي شهرن کي اندس ڊيلٽا جي سنڌو درياهه وارين ڪارين جي تانگهي پاڻيءَ مان ننڍين ٻيڙين ۽ هوڙهن ذريعي پاڻ ۾ ملايو وڃي.جنهن سان ڀاڙو ڪرايو گهٽ ٿيندو،مفاصلو گهٽجي ويندو گهري سمنڊ جي خطرن کان مسافر محفوظ رهندا ۽ وقت به گهٽ لڳندو.ان تجويز جي هندستان ٽائيمس اخبار حمايت ڪئي هئي ۽ ان تي هڪ اسٽوري به ڇاپي هئي.ان حوالي سان به هن ئي دوري دوران ڪو حتمي ناهه ٿيڻ گهرجي.ان ۾ کهڙين ڌرين کي ملوث ڪري سگهجي ٿو.ان جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي ۽ ڪوشش ڪئي وڃي ته ڪنهن وڏي سرمائيدار ڪمپنيءَ کي اهڙو نيڪو ڏيڻ بدران اهو ڪم مقامي ماهيگيرن جي مدد سان ڪرڻ گهرجي ته جيئن هنن جي روزگار جي دري به کلي پوي.اندس ڊيلٽا جي مقامي ماهيگيرن جي روزگذران جي چنتا ڪرڻ انڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته سنڌو درياهه ۾ پنجاب پاران پاڻِ جي هتراڏو ڪوٽ پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ گذريل ٻن ٽن ڏهاڪن دوران پاڻيءَ جو ڦڙو به نه آيو آهي جنهن ڪري سنڌو درياهه جي پڇاڙ ۾ ڪڇي واري علائقي توڙي ڊيلٽائي علائقي ۾ ايتري تباهي آئي آهي جنهن جو تصور ڪري نه ٿو سگهجي ۽ ان سان گڏ خود سمنڊ جو قدرتي ماحول به خراب ٿيو آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ سنڌوءَ جو مٺوپاڻي نه

پيو آهي.سو ان پس منظر ۾ اندس ڊيلٽا ذريعي ڪراچي ۽ بمبئي ڪي ملائڻ واري بيڙي سروس ڪولڻ سان ڪراچي جي پسگردائيءَ ۾ سياحت ڪي بہ هٿي ملندي ۽ اندس ڊيلٽا جي ڪيٽرن بيٽن تي جيڪي عوامي ميلا لڳندا آهن انهن ۾ ان ڪري بہ جان پئجي ويندي ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ هندستاني ماهيگيرين جا پڻ هوڙها شريڪ ٿي سگهندا.

اها بي ڳالهہ آهي تہ ان لاءِ پاڪستان ۽ هندستان جي واسطيدار اختيارين کي سِيز ڪريڪ واري ساموندي سرحد طئي ڪرڻي پوندي ۽ بنهي ملڪن جي مئري ٽائيم سيڪيورٽي اٿارٽين کي ضمانت ڏيڻي پوندي تہ اهي خانگي ماهيگيرن جي هوڙن ۽ انهن جي اچ وڃ تي روڪ ٽوڪ نہ ڪندا.

ڪراچي ۾ پاڪستان نيوي جا آفيسر،سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ سفما گڏجي سڏجي اهو معامرو طئي ڪري سگهن ٿا جنهن ڪانپوءِ ڪراچيـ ممبئي فيري سروس تي سيڙپ بمبئي ۽ ڪراچي جي واپارين وسيلي سفما بہ حاصل ڪري سگهي ٿي.

سو سفما جنهن انگوڇي وڃائڻ لاءِ هي ميلو لڳرايو آهي ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ 10 جون کان 14 جون 2006ع تائين وارا پنج ڏينهن سونهري موقعو آهن جنهن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

# پاڙي ناهه پروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گذري.....

يعني پاڙي وارن کي اها خبر ئي ڪانهي تہ ٻئي پاڙيسريءَ جي رات رنج، غم، الم، ڏک يا درد ۾ گذري آهي.

سسئي پنهون واري عشقيہ داستان جي پنجن سرن مان سر حسينيءَ جو هي بيت ڀٽائي هنئين سجو ڪري ڇيو آهي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پاڙي | ناهه | پروڙ | تہ | ڪا | رات | رنجائي گذري |
| ٻانڀڻ | عشق | ٻروچ | جي | گهائي | وڏي | گهور |
| هڪ | سسئي | پيو | سور، | ويا | پٽيندي | پاڻ ۾ |

ڀٽائي هي بيت چوندي جڏهن ”پاڙي“جو ذڪر ڪيو هو تہ هن جي مراد”ڪيچ مڪران پنهون ڏير، ٻروچ، آريچا“وغيره هئا يا هن جي معشوق واري دَر هئي جنهن کي اها ڄاڻ ئي ڪانہ هئي تہ سندس عاشق جي رات ڪيئن ٿي گذري.

پر مان جڏهن موجوده دور ۾ ڀٽائي جي انهيءَ بيت ۾ استعمال ٿيل لفظ ”پاڙو“لکان ٿو تہ منهنجو مقصد ”هندستان ۽ پاڪستان“آهي ٻنهي ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سرحد پار جي تمام گهٽ ڄاڻ آهي ۽ اها اڻ ڄاڻائي ئي آهي جنهن ٻنهي ملڪن کي هڪ ٻئي کان اڃا بہ گهڻو پري ڪري ڇڏيو آهي.انڪري جيڪي ماڻهو فرد يا ادارا ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ گهرن ٿا.انهن جو پهريون مطالبو اهوآهي تہ سرحدپار معلومات جي اچ وڃ، علم، ڄاڻ، اخبارون،ڪتاب،

رسالا،،ليڪڪ ،صحافي ۽ عام ماڻهن جي اڄ وچ ڪوليو ته جيئن 58 سالن جي ڏُوري آهستي آهستي ختم ٿئي.

دنيا ۾ پري پري رهندڙ ماڻهو پلي اسان جا مسئلا سمجهي نه سگهن پر اسان کي خبر آهي ته سنڌ ۾ مالوند ماڻهو جتي مينهن پوندا آهن اتي مال ڪاهي ويندا آهن ٿر وسي پيو ته ڪاڇي ۽ جبل جا ماڻهو مال ڪاهي ٿر هليا ويندا.ڪاڇو وسيو ته جبل جا ماڻهو هيٺ لهي ايندا.جبل ونو ته ڪاڇي جا ماڻهو مٿي چڙهي ويندا پر جي ڪٿي به وسڪارو نه ٿيو ته جتان ڪٿان جا ماڻهو ڪچي هليا ايندا چو ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌو درياهه جي ڪنارن تي ته ساوڪ هوندي ئي هوندي.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ۽ وسارڻ نه گهرجي ته سنڌي سماج مجموعي طور تي زرعي ڪان وڌيڪ مالوند آهي جنهن کي انگريزي ۾ Livestock oriented society چوندا آهن.ٿر هجي ،جبل هجي ڪاڇو هجيبا ڪچو هجي يا اندس ڊيلٽا هجي.عام ماڻهن جي دولت چوپايو مال هوندو آهي.سنڌي ماڻهو زراعت ان ڪري ڪندا آهن ته مال پالي سگهن.هنن جي هر گهرج چوپائي مال وڪڻڻ سان پوري ٿيندي آهي.ٻار جي ڄڻيءَ ڪان وني شادي تائين حياتيءَ ڪان مماتيءَ تائين ۽ قرضن لاهڻ ڪان حج ڪرڻ تائين اوڪيءَ مهل غريب سنڌيءَ کي چوپايو مال يا ڊور ڪم ايندو.جيڪو وڪڻي ضرورت پوري ڪندو فصل ته لهندو ٿئين يا ڇهين مهيني.

سو اها ڳالهه ان ڪري نڪتي ته هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ سرحدون بند ٿيڻ سبب ڪيترائي مسئلا پئدا ٿي پيا .مثال ٿر ۾ ڏڪا آ پر راجستان ۾ وسڪارا ٿيا آهن يا صورتحال ان جي ابتڙ آهي ته راجستان ۾ ڏڪار آ ۽ ٿر ونو آ اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن سرحد ڪليل هجي ته ڏڪار ڪٿي به محسوس نه ٿئي.ٿر وارا راجستان هليا وڃن ۽ راجستان وارا ٿر هليا اچن.

ان ڪري دنيا جي سيني ملڪن وچ ۾ موجود سرحدون کُلڻ گهرجن.ملڪن جون سرحدون بند ڪرڻ بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزي يا پيچڪڙي آهي

*Close borders should be considered as serious. Violation of basic human rights every where in the world*

سو سرحدون بند هجڻ ڪري جيئن هندستان جي ماڻهن کي پاڪستان جي خبر ناهي ۽ پاڪستان جي ماڻهن کي هندستان جي خبر ناهي.اهڙي طرح ڪراچي جي ماڻهن کي بمبئي جي خبر ناهي ۽ بمبئي جي ماڻهن کي ڪراچيءَ جي خبر ناهي.

پر ان صورتحال جو الميو اهو آهي ته 1947ع ۾ جيڪي سنڌ جا سنڌي هندو سرحد پار ڪري لڏي هندستان ۾ وڃي رهيا آهن.انهن کي سنڌ ۾رهندڙ نه سنڌي مسلمانن جي چڱي طرح خبر آهيءَنه سنڌي هندن بابت مڪمل ڄاڻ آهي.

ان حقيقت جو اندازو تازو بمبئي ۾ دور درشن ٽي ويءَ تي انٽرويو ڏيندي به ٿيو.بمبئي ۾ ٿورڙن سنڌين سان ملاقات دوران به ٿيو.۽ 2001ع ۾ آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ۾ رهندڙ سنڌي هندن سان ملي پڻ ٿيو.

”پاڙِ ناهه پروڙ“واري المئي جو ڪارڻ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ 58 سالن واري دشمني واري فضا به آهي ته دشمن دشمن جي خوبين يا خاصيتن جو ته ذڪر نه ڪندو اهو ته ڪمزورين،اوڻاين ۽ اوڳڻن جي اپٽار ڪندو.گلا ڪندو نيڪي ته سڄڻ جي ڪبي آهي ڏڄڻ جي ته نه ڪبي آهي.

اهوئي سبب آهي جوسنڌي هندو،سنڌي مسلمان کي ”ڄٽ“ڪوٺيندو هو.تازو سنڌ جو هڪڙو قابل هندو سنڌي هندستان ويو ته هن کان پڇيا

ڪيائون تہ”سنڌ جا جٽ ڪيئن آهن؟“هن جواب ڏنو تہ”هاڻ اهي جٽ نہ پر ماهر ٿي ويا آهن ۽ اوهان سنڌ بابت ڄاڻ جي حوالي سان جٽ ٿي ويا آهيو!!“

اهڙي طرح سنڌي مسلمانن ۾ پڻ سنڌي هندن لاءِ تعصب جي تاريخ موجود آهي.مثال هڪ چوٽي آهي تہ”ڏءُ جهلي هڪ مينهن ٻيو واڻيو“اهو محاورو سنڌي مسلمانن ۾ مشهور آهي جڏهن تہ سنڌي هندن ۾ اها ساڳي چوٽي هن ريت آهي”ڏءُ جهلي هڪ مينهن ۽ ٻيو ڳاڳڙو ڇڄُ“ اها چوٽي مونکي لاڙڪاڻي جي دوست محمد علي پناڻ لاڙڪاڻي جي هڪ اهڙي هندو سنڌي عورت جي حوالي سان ٻڌائي جيڪا ڀِٽائي جي رسالي جي حافظياڻي آهي.

سو سنڌي لوڪ ادب ۾ اهڙيون ڪيتريون چوٽيون ،پهاڪا ،لطيفا، ڇرچا ٻوڪَ ،ٺيڪا ٺپٽيون ۽ ڪهاوتون آهن جن ۾ هندو مسلم ورهاڱو موجود آهي.هي ورهاڱو رڳو سياسي ڪونہ هو پر لساني ،تاريخي، جاگرافيائي ۽ نفسياتي وغيره بہ هو پر جيڪو ڪجهہ هيو ان جي پويان اقتصادي ۽ سياسي مفاد پڻ هئا ورنہ انسانيت جي ڳالهہ ڪبي تہ جهڙو سئو تهڙيون پنج ويهون.

سنڌي مڙوئي سنڌي آهن پوءِ اهي مسلمان هجن يا هندو ڪراچي ۾ رهندا هجن يا بمبئي يا دهلي ۾ اهي درويش ۽ سنت بہ آهن تہ ڏاڙيل ۽ دهشتگرد بہ آهن.سڄڻ بہ آهن تہ ڏڄڻ بہ آهن.باقي هونئن پنج آڱريون برابر نہ ٿينديون آهن سو دور درشن ٽي وي تي انٽرويو دوران مون کان اهو بہ سوال پڇيو ويو تہ 1947ع ۾ عالم ۽ ودوان سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ڪانپوءِ سنڌي ادب ۽ ٻولي تاريخ ۾ جيڪو خال ٿيو هو سو اجا پريو آهي نہ؟

مون کي جواب ڏيڻ کان اڳ ڏاڍي کل آئي ۽ پوءِ مون محسوس ڪيو تہ واقعي سرحدن بند ٿيڻ سبب معلومات ٻنهي پاسن ڏانهن اچڻ توڙي وڃڻ چڏي ڏنو آهي ۽ مون کي ياد آيو تہ سفما جي سيڪريٽري جنرل امتياز عالم بمبئي جي هڪ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي صحيح چيو هو تہ سفما جو نيوز ليٽر پاڪستان کان هندستان موڪلڻ تي مونکي پنج سو رپيا خرچ ڪرڻا پيا آهن.سو جي اها حالت آهي تہ پوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ وڇوٽيون ڪيئن دور ٿينديون؟

بهرحال مون دور درشن جي ڪمپيئر رام جواهراڻي کي چيو تہ ڪاڪي پيرو مل ۽ مرزا قليچ بيگ وقت گڏيل هندستان هيو ان ڪانپوءِ جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ برابر اسان وٽ خال پيدا ٿيو پر پوءِ جڏهن شيخ ايز پيداٿيو شمشير الحيدري ،تنوير عباسي،امداد حسيني ۽ نياز همايوني پيدا ٿيا تہ شاعري وارو خال پرجي ويو ڪهاڻي واري خال پرڻ لاءِ جمال ابڙو،علي بابا،ماڻڪ،رسول بخش پليجو،شوڪت شورو،امرجليل، نورالهديٰ شاهہ ۽ ويندي رسول ميمڻ تائين ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا.تحقيق ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ،ايم ايچ پنهور،عبدالجبار جوڻيجو،ڊاڪٽر الانا،سنديلوصاحب،محمد سومار شيخ ۽ بدر ابڙي وغيره جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا.اهڙي طرح ورهاڱي جو خال پرڻ ڪانپوءِ سنڌ جيڪا اڳتي وڌي آهي ان جو اهڃاڻ سنڌي پريس آهي.هند ۾ تہ ايڏيون وڏيون سنڌي اخبارون آهن ۽ ايڏا وڏا ٽي وي چينل آهن ان جوسبب اهو آهي تہ سنڌ جيڪڏهن قبو آهي تہ اسان ان جا مجاور آهيون.هندستان ۾ جملي لڏپلاڻ ڪري 12 لک سنڌي هندو آيا هئا انهن مان هينئر 2لک کن زنده آهن جڏهن تہ چڙوچڙ ٿي رهندڙ سنڌي هندن جي سڄي هندستان ۾ جملي آبادي کن ماڻهن مطابق 35 لک کن مطابق 40 لک ۽ ڪي وڏائي ان کي 80 لک بہ چون

تا پر الهاس نگر جي سرڪاري انگن اکرن مطابق جملي آبادي 8 لک آهي پوءِ خبر ناهي تہ انهن مان غير سنڌي ڪيترا آهن.

۽ سنڌ ۾ سنڌين جي آدم شماري گهٽ ۾ گهٽ اڍائي يا ٽي ڪروڙ آهي سو فرق صاف ظاهر آهي.

# پاڪ_ هند امن جي ڪُنجي

وڏن شهرن ۾ وڏن جيلن ۾ ائين ٿيندو آهي.ڪراچي ۽ بمبئي ٻه دنيا جا ٻه وڏا شهر آهن.جڻ جهنگل جا بادشاهه مرضي پوين ته انڊا ڏين مرضي پوين ته ٻچا ڏين.1983ع ۾ سکر جيل ۾ به ائين هو يا ته بئريسٽر ڪرل جهڙي پ پ جي اڳواڻ کي چيلهه سان اگهڙين جو ٻهارو ٻڌي.ان کي گٽر جي بدبودار پاڻي ۾ آلو ڪري جيل جي مٿي.....هاٿي اڳڻ کي پوچي هڻڻ جي سزا ڏني ويندي هئي ۽ وري جڏهن ايم آر ڊي جي قيدين جي شورش سبب جيل ڀڳو ته جڻ سنڌ يونيورسٽي جي انٽر نيشنل هاسٽل ٿي وئي جو ٻاهران هر شيءِ اندر اچي رهي هئي.ريڊيا ،ٽيپون،وسڪي،اٽيري تائين جو مون زندگيءَ ۾ هرڻ جي سِجي صرف هڪ دفعو ڪاڏي آهي سا سکر جيل ۾ ان وقت نصيب ٿي جڏهن مانڊل شر جا مائٽ هن سان ملاقات ڪرڻ آيا ۽ نري ميرواهه واري پاسي ۽ اجا به اوير ۾ اچڙي ٿر مان هرڻ ماري ان جي سِجي ڪجيءَ جي پنن مان نهيل چبيءَ ۾ اخباري پني اندر لڪائي جيل ۾ کڻي آيا.

سو وڏن شهرن ۾ وڏن جيلن ۾ ائين ٿيندو آهي.بمبئي به وڏو شهر آهي.ان ۾ رهائش لاءِ چورس فٽ زمين جي قيمت چاليهه هزار رپيا آهي ۽ ننڍو فليٽ 5يا 6 ڪروڙ هندستاني رپين ۾ ملي ٿو.هندستاني رپيو پاڪستاني رپئي ڪان ڪجهه مهانگو آهي.پاڪستاني رپيا سانيڪو ڪن جيڪڏهن هڪ ڊالر ۾ آهن ته هندستاني رپيا 48 هڪ ڊالر برابر آهن.

اهو ئي سبب آهي جو بمبئي شهر ۾ 65 لک ماڻهو رستن تي سمهندا آهن چاڪاڻ ته ايڏي وڏي شهر ۾ ڇت هينيان سمهڻ مهانگو آهي.

۾ پوءِ مان سج ايرڻ مهل فائيو اسٽار هوٽل تاج پريزيڊنٽ جي لگزري اپارٽمينٽ جهڙي ڪمري مان اٿي”ارلي مارننگ واڪ“ ڪرڻ لاءِ جيئن ئي هيٺ لهندو هوس ته اهي سُڪل،سيپڪيءَ سانورا مرهٽا وڏن ماڻهن جي موٽر ڪارين کي ڌوئيندي ۽ شيشي جي گلاس ۾ چانهه پيئندي نظر ايندا هئا.

هوٽل سان لڳو لڳ هڪ باغ هوندو هو جنهن ۾ صبح جو واڪ ڪرڻ ۽ ورزش ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي مرد ۽ عورتون ٻارن سميت موجود هوندا هئا.واڪ لاءِ خاص رستا نهيل هئا ۽ مختلف ورزشن ڪرڻ جا اوزار به موجود هوندا هئا.پر اهي ڏينهن جيڪي مون بمبئي ۾ گذاريا انهن دوران صبح سوير به فضا ۾ اهڙي ته ٻُٽ هوندي هئي ۽ انگريزي وڻن جي بانس جڻ ته ساهه منجهائي ڇڏيندي هئي جنهنڪي ڏسي وطن جي تانگهه ٿيڻ سان گڏ اهو به احساس ٿيندو هو ته ”صبح جو واڪ ڪرڻ جو مزو جيڪو ڪراچي شهر جي گلشن حديد واري علائقي ۾ آهي سو شايد دنيا جي ڪنهن به وڏي شهر ۾ ناهي!!!!“.

بمبئي ۽ ڪراچي وچ ۾ هڪجهڙايون گندگي ،غربتءَڪچين آبادين جي شعبي ۾ آهن.پرائين به ناهي ته ٻنهي شهرن ۾ جتي ڪٿي اوهان کي گندگي غربت ۽ ڪچي آبادي ملندي.بلڪل ائين جيئن ڪراچي جو ڪلفٽنءَ ڊفينس وارو علائقو آمريڪا لڳو پيو آهيءَ باقي شهر آفريقا آهي(سواءِ سائوٿ آفريقا جي جنهن لاءِ منور لغاري پئي ٻڌايو ته جنت جهڙو ملڪ ناهي رکيو اٿن)ساڳي طرح بمبئي ۾ مالابارهِل ۽ مئرين ڊرائيو جي اوسي پاسي وارا علائقا ڇڏي ”مني رور“جي ڪناري تي وجبو ته اوهان کي  لياري ندي جي ڪناري تي باڪسن جي سائيز جون جهوپڙيون نظر ايندين جن جا ڪاڪوس نديءَ واراي پاسي ٻاهر نڪتل هوندا ته جيئن غلاظت سنئون سڌو وجي نديءَ ۾ ڪري.

ڊاڪٽر چندرشيڪر جيڪو بمبئي ميٽرو پوليٽين جو ڪمشنر آهي تنهن جڏهن هندستان جي هن شهر جي ترقي بابت پاڪستاني وفد کي Presentationڏني ۽ چيائين تہ اسان ممبئي کي ”ورلڊ ڪلاس سٽي“ ناهڻ جي پلاننگ ڪئي آهي ۽ اسان جو مقابلو ٽوڪيو،نيويارڪ،سنگاپور ۽ ماسڪو سان آهي تہ مون اتي هن کان سوال ڪيو تہ ”جنهن کي اوهان مِني ندي ٿا ڪوٺيوان جا ڪنارا ياد ڪري مون کي هاڻي بہ اٻڙڪا ٿا اچن سو اهڙي ماحول ۾ اوهان بمبئي کي ورلڊ ڪلاس سٽي ڪيئن ٿاهي سگهندو؟“تہ هن وارنيو تہ ”سر! اوهان ٻئي دفعي هن شهر ۾ گهمڻ لاءِ ايندءُ تہ ان علائقي ۾ رنگ برنگي گلن ڪانسواءِ اوهانکي ٻي ڪاشيءِ نظر نہ ايندي.“

مون”لباڙي ڪلچر“کي ذهن ۾ رکي سوچي ڏٺو چاڪاڻ تہ اسان ترادي سنڌي لباڙ هڻڻ جا ماهر هوندا آهيونءِ اهڙا قرڙاتي هوندا آهيون جو ڪنهن لاڙي ماڻهوءَ کي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪچو ڪائي وجون.پر مون کي سنجيدگي سان نظر آيو تہ ڊاڪٽر شيڪر ڪور نہ پئي ڳالهايو.سڄي سهر جي هر جاءِ ڪوٽي پئي هئي.هر جاءِ تي ڪم هلي رهيو هو ۽ ائين پئي لڳو تہ ممبئي نِيڊڙو نيو يارڪ اڏجي رهيو آهي.اسان هنن کان پڇيو تہ هي پئسا ڪٿان ٿا اچمن تہ هن وراٽيو تہ اهي دنيا جي ملٽائي نيشنل ڪارپوريشن جا پئسا آهن يعني بين الاقوامي خانگي ڪمپنين جي مدد سان هو دنيا جا عظيم شهر ڊاهي رهيا آهن جنهن ڪانپوءِ اهي پئسا آهستي آهستي قرض واپس ڪري لاهيندا.جيئن ڪا ڪار پارڪنگ ناهجي ۽ ڪار بيهارڻ جي في ونجي ۽ ان مان اهو قرض لاهجي جنهن مان اها جاءِناهي وئي آهي بهرحال بمبئي پاڻ بہ شاهوڪار ملڪ آهي ايتري تائين جو سڄي هندستان جي آمدني جو 55 سيڪڙو هن بحري بندر تان اچي ٿو.

اسان جو ڪراچي شهر بہ ايترو ئي شاهوڪار آهي پر اسان وٽ پئسي خرچ ڪرڻ جا شعبا ٻيا آهن.اسان ڏينهن جو ڦٽاڪا ساڙيندا آهيون رات جو عياشيون ڪندا آهيون ۽ باقي ڏينهن ٽريفڪ جام هئڻ ڪري وچ روڊ تي بيٺا هوندا آهيون.جيسيتائين آفيسن جو ٽائيم ختم ٿي وڃي اهڙي طرح اسان جو ڪوبہ ڪم نہ ٿيندو آهي.حڪومتون "ڪنگ ميڪرز"ٺاهيندا آهن.عوام کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگي واڙي ڇڏيو آهي.وسڪارا ٿيا ۽ گاهہ ڦٽو تہ کائيندا نہ تہ پنهنجي نصيب کي ڇون ميان نواز شريف تہ هڪڙي دفعي صاف چيو هو تہ "گاهہ کائينداسين پر ايٽم بم ضرور ٺاهينداسين".

هڪ طرف پاڪستان جو جنگي هٿيارن بابت مواد موڊ ڪجهہ اهڙو آهي ۽ ٻئي طرف هندستان تازو آمريڪا سان ايٽمي ٺاهہ ڪري ورتو آهي.ٻنهي ملڪن وٽ اڳيئي ايٽمي بم موجود آهن جنهن ڪري سڄي دنيا کي تشويش آهي تہ ڏکڻ ايشيا کي مڪمل بربادي کان بچائڻ لاءِ ان کي نيوڪليئر فري زون Nuclear Free Zone قرار ڏنو وڃي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ بمبئي جي مئرين ڊرائيو تي ساموڊي ڪناري سان لڳندڙ پاڻي جي ماني آواز ۾ مون کي امن جي آس نظر آئي ۽ ڀٽائي جي سٽ ياد آئي تہ:

**ڪي جو ڪُن ڪرين،ٻنيءَ ٻُڙ جهُڻ پاڻ ۾**

۽ اتي وينل جوڙا جنهن شانت واري ماحول ۾ هڪ ٻئي سان پيار وندي رهيا هائ تن کي بم تہ ڇا پر ڦٽاڪي جو آواز بہ نہ پائيندو.

ساڳئي صورتحال پاڪستان جي آهي.هتي بہ ماڻهو امن چاهين ٿا جنگ نہ ٿا گهرن ڪراچي سنڌ جي گادي جو هنڌ آهي.سنڌ ڀٽائي جي ڌرتي آهي جنهن چيو هو:

## رُس مَ رسڻ گهوريو،رات مَ رَندِ
## سڄڻ لئہ چندہ اَور تہ نرن اڪيون

پٺائي سنڌ ۾ امن ۽ سڪون جو اهڙو ماحول چاهي ٿو جهڙو رات جي پوئين پهر چنڊ لهڻ واري سمي محسوس ٿيندو آهي.اهڙو سمو جنهن ۾"اور تہ نرن اڪيون" جهڙا هلڪڙا ۽ ٿڌا آواز آهن.ترش آوازن جا لفظ بہ استعمال ٿيل ناهن.

هوڏانهن پاڪستان مان 30 ڄڻن جي وفد بمبئي ۾ وجي جيڪي تقريرون ڪيون انهن ۾ ٻنهي ملڪن ۽ ٻنهي شهرن وچ ۾ امن جا مطالبا دهرايا ويا.صبيح الدين غوثيءَ چيو تہ مان بمبئي جي فلاڻي اسپتال ۾ ڄائو هوس.لورن ڊي سوزا "شهري تنظيم" واري چيو تہ ڪراچي ممبئي ۽ گويا ۾ منهنجا رت جا رشتيدار رهن ٿا وفد ۾ شامل ڪيترن واپارين جا بمبئي ۾ گهر ۽ ڪاروبار هئا.ٻيو تہ ٺهيو پر قائد اعظم محمد علي جناح جيڪو باباءِ پاڪستان آهي اهو پلي تہ جهرڪن ۾ ڄائو ۽ ڪراچي جي وزيرمينشن ۾ وڏو ٿيو پر هن وڪالت وارو سمورو عرصو ممبئي ۾ گذاريو ۽ وڏي محنت سان وڪالت واري پيشي ۾ نالو ڪڍرايو.

اهڙي طرح جڏهن 35 ڄڻن جو وفد ممبئي مان ڪراچي آيو تہ هنن ڏاڍيون جذباتي تقريرون ڪيون.ڪنهن چيو تہ منهنجو خواب آهي تہ منهنجو پٽ ممبئي ڪان ڪراچي اچي تہ هن کي ويزا جي ضرورت محسوس نہ ٿئي.ڪنهن چيو تہ ٻنهي شهرن جو عوام هاڻي ٻنهي حڪومتن تي ڪنٽرول ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي آهي ۽ ٻنهي شهرن جي وچ ۾ امن قائم ڪرڻ جو آخري فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.جيڪو Irreversible آهي يعني جيڪو واپس ٿي نہ ٿو سگهي.

اهڙين دل خوش ڪندڙ جذباتي تقريرن ڪانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير ڊاڪٽر ارباب رحيم ڊائيس تي آيو ۽ جنهن ڪي اردو ۾ ”دوٽوڪ“انداز چئبو آهي.ان ۾ ڳالهائيندي چيائين تہ”جيسيتائين ڪشمير مسئلو حل نہ ٿيندو تيسيتائين پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ امن قائم ٿيڻ محال آهي.“هن چيو تہ ”صدر پرويز مشرف هندستان سرڪار ڪي هڪ ڪان وڌيڪ حل تجويز ڪيا آهن تہ جيئن ڪشمير جو مسئلو حل ڪيو وڃي.هندستان ۽ پاڪستان جي امن لاءِ جاکوڙيندڙ سفما وارن وفدن ڪي صلاح ڏني تہ جيڪڏهن واقعي اوهان امن گهرو ٿا تہ خاص ڪري هندستاني وفد ۾ شامل ماڻهو پنهنجي حڪومت تي زوري پرن تہ ڪشمير جو مسئلو حل ٿي سگهي.ڊاڪٽر ارباب هڪ مثال ڏيندي ايئن بہ چيو تہ”تازو اسان کوکرو پار ريلوي لائين کولي آهي جنهن تي ڪافي خرچ آيو آهي ۽ هندستان سان اچ وچ شروع ٿي آهي پر تازو ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿورڙي بہ ڇڪتاڻ ٿي هئي تہ محسوس پئي ٿيو تہ اهي سڀ پئسا ضايع نہ ٿي وڃڻ ۽ اها ريلوي لنڪ بند نہ ٿي وڃي.“

آخر ۾ سنڌ جي وڏي وزير جنهن جا اسلام آباد سان گهاٽا ناتا آهن تنهن البتہ اها ڳالهہ ضرور ڪئي تہ”جيڪڏهن عوام جي دٻاءُ هيٺ برلن جي ديوار ڪري سگهي ٿي تہ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ بہ امن قائم ٿي سگهي ٿو.

سو هندستاني وفد ڪراچي واري دوري دوران ٿيل ڳالهيون ۽ سنڌ سرڪار جو موقف ٻڌي مونکي محسوس ٿيو تہ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ امن قائم ڪرڻ واري ڪُنجي اڃا تائين هڪ مضبوط تجوڙيءَ ۾ بند پيل آهي.ٻنهي ملڪن جي امن ڪي 58 سالن کان لڳل تالي تي جيڪي مينهن پيا آهن انهن جي ڪري متانئس ڪافي ڪَٽُ لڳي چڪي آهي.خبر ناهي جنهن ڏينهن تجوڙي مان امن جي ڪنجي نڪرندي ۽ ان

سان امن کي لڳل قلف کولڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته قلف الائي کلندو الائي نه!!!!!!!!!!؟؟؟؟؟؟؟؟؟

مونکي ناميدي سان سوچڻ نه گهرجي پرمنهنجي ذهن تي هڪ خيال اهو به ايري آيوته ايوب خان تاشقند ڊڪليئريشن تي صحيح ڪئي ته هن جي حڪومت خلاف مرحوم ڀٽي تحريڪ هلائي.يحيٰ خان اقتدار ۾ آيو ته ملڪ ٽٽي ويو،بچيل پاڪستان ۾ ڀٽي صاحب جي حڪومت آئي.هن مسز اندرا گانڌي سان ملاقات ڪري 90،000 جنگي قيدي آزاد ڪرايا فتح ڪيل علائقا خالي ڪرايا ۽ بنگلہ ديش کي تسليم ڪيو ويو ته هن جو تختو اونڌو ڪيوويو ان ڪانپوءِ افغان جهاد جي اجوري طور شاهدي غائب ڪرڻ لاءِ جنرل ضياءَ جو جهاز ڪيرايو ويو،جنهن ڪانپوءِ محترمہ بينظير ڀٽو حڪومت ۾ اچي راجيو گانڌي سان ملاقات ڪئي ته هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو.جنهنڪانپوءِ پنجابي وزير اعظم ميان نواز شريف آيو جنهن واجپائي کي بس سميت هندستان مان دعوت ڏئي گهرايو ته سندس اقتدار هليو ويو ۽ هاڻي جڏهن جنرل پرويز مشرف ڪارگل جنگ ڪانپوءِ هندستان سان صلح صفائي جو اعلان ڪيو ته متس هڪ ڪان وڌيڪ قاتلاڻا حملا ٿيا.

# نفرت جي ديوار

نندي کنڊ يا گڏيل هندستان جو ورهاڱو جيڪو 1947ع ۾ ٿيو.ان جو ماحول 711ع کان جڙڻ لڳو هو جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي هئي.ڏکڻ ايشيا ۾ مسلمانن جي آمد انين صدي عيسوي جي ابتدا ۾ سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ ٿي ٿي.البته سينٽرل ايشيا کان مسلمان صوفي بزرگ قلندر شهباز ۽ هن جا همعصر گهڻو اڳي سنڌ ڏانهن هجرت ڪرڻ لڳا هئا ۽ اسلام انهن پکيڙيو هو ،محمد بن قاسم ته رڳو جنگ کٽي هئي.

اسلام جي اثر هيٺ سڀ کان اول بنگالين پنهنجي وطن بنگال جو ورهاڱو 1905_06۾ ڪيو1911ع ۾ انگريزن انهيءَ ورهاڱي کي(اولهه بنگال ۽ اوير بنگال) کي ختم ڪيو.1931ع ۾ مسلم ليگ جو قيام لنڊنجي هڪ هوٽل ۾عمل ۾ آيو.1945ع ۾ ٻي مهاڀاري جنگ پوري ٿي جيڪا 1939ع ۾ شروع ٿي هئي.ٻي مهاڀاري جنگ جي پوري ٿيڻ کان ٻه سال پوءِ 1947ع ۾ انگريزن گڏيل هندستان کي ورهائي آزاد پاڪستان۽ آزاد هندستان نالي ٻه ملڪ ٺاهيا.

اهو ورهاڱو ڇو ٿيو؟ان بابت مختلف تجزيا آهن:

◘ مهاتما گانڌي جي سول نافرماني واري تحريڪ انگريزن کي نندي کنڊ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو.

◘ 1945ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي پوري ٿي ته ان ۾ آمريڪا ۽ برطانيا سوڀ حاصل ڪئي جڏهن ته جرمني جي هٽلر هار ڪاڏي ۽ خود ڪشي ڪئي.برطانيه جيئن ته ان عالمي جنگ ۾ اولهه پنجاب جا وڏي پئماني تي سپاهي ڀرتي ڪيا هئا سي جڏهن جنگ تان سوڀارا ٿي موٽيا ته هنن

مطالبو ڪيو ته جيئن ته اهي مسلمان آهن ۽ هندن سان گڏ رهي نه ٿا سگهن.ان ڪري ڪين به جدا ملڪ ناهي ڏنو وڃي.ان سلسلي ۾برٽش انڊيا جي فوج ۾ بغاوت به ٿي جنهن کي (1946ع واري بحري فوج جي بغاوت)Naval Mutiny of 1946سڏيو وڃي ٿو.جنهن جو سربراهه مرحوم علي احمد بروهي ٿيو هو.پوءِ جڏهن اها بغاوت ڪچلي وئي هئي ۽ ان جي باغي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو هو تڏهن علي احمد بروهيءَ کي ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي هئي.ڦاسي جي اها سزا انگريزن وڏي دباءَ ڪانپوءِ واپس ورتي هئي.جڏهن مهاتما گانڌي،نهرتو ۽ هندستان جي مرڪزي سيستدانن توڙي بين الاقوامي سطح تي مطالبا ڪيا ويا هئا ته علي احمد بروهيءَ جي ڦاسي واري سزا معاف ڪري هن کي آزاد ڪيو وڃي.مرحوم هڪ انٽرويو ۾ مونکي ٻڌايو هو ته”منهنجي پنيءَ جي کل ڳري وئي هئي چاڪاڻ ته اسان کي بحري جهازن جي تهه خانن ۾ سخت قيد جي سزا ڀوڳڻي پئي هئي.“

آخر ڪار بروهي صاحب هيرو ٿي قيد مان آزاد ٿيو هو بس اهي انگريز هئا جن ۾ ڪجهه نه ڪجهه سياسي اخلاق هو پر جي جنرل ضياءَ جي هٿ ۾ هجي ها ته بروهي صاحب ڦاسي ڪائي وڃي ها.سو پاڪستان ٻي مهايري جنگ تان موٽندڙ پنجابي سپاهين کي تحفي طور ناهي ڏنو ويو.

ٽين راءِ اها هئي ته خود هندستان جي قيادت جڏهن حساب لڳائي ڏنو ته اولهه ۽ اوير پنجاب جي فوج جملي هندستان جي فوج جي 50 سيڪڙو ڪان مٿي آهي ته هنن سوچيو ته اها فلم ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي ۽ هڪئي نسل جي فوج ۾ اڪثريت مارشلائي ڪلچر پيدا ڪندي ان ڪري هنن ورهاڱي کي قبول ڪيو.جنهن ڪري اولهه پنجاب جي فوج پاڪستان جي حصي ۾ اچي وئي ۽ اوير پنجاب جي فوج جو وقت گذرڻ

سان سيڪڙو گهٽائي چون تا 11 سيڪڙي تائين پهچايو ويو آهي چاڪاڻ ته هندستان جي بين قومن جي ماڻهن کي به فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو آهي.اهڙو تجزيو آمريڪا جي هڪ ٿنڪ ٽينڪ ڪيو آهي.

ان کان علاوه اهو به چيو ويندو آهي ته انگريزن ”ورهايو ۽ راڄ ڪيو“ جي اصول هيٺ گڏيل هندستان تي راڄ ڪري ويندي ويندي ان کي ورهائي ڇڏيو.

پر اها به حقيقت آهي ته گڏيل هندستان ۾ جڏهن رڳو هندو ڌرم هوندو هو ته سڀئي ماڻهو ڇڻ ته هڪ مذهب جا هئا.پلي پوءِ ٻڌ ڌرم،جين ڌرم،ذات پات سبب شودر وغيره اندر ۾ ناخوش هئا.دراوڙن ۽ آرين جا تضاد به هئا سو ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته 1947ع واري ورهاڱي جي تاريخ هڪ طويل ڪهاڻي آهي ۽ ان جا ڪردار ،ان جا باني ساندي جيان رنگ مٽائيندا رهيا آهن،جيڪي هيرو هئا بعد ۾ تن کي غدار قرار ڏنو ويو ۽ جيڪي غدار هئا سي بعد ۾ هيرا ٿي ويا.

علي احمد بروهي نيوي بغاوت جو سرواڻ هو ته سوپو گيانچنداڻي ڪراچي بندر روڊ تي جامع ڪلاٿ مارڪيٽ وٽ لنيون ڪاڏيون پر پاڪستان سرڪار وٽ ٻنهي اڳواڻن جي فائلن ۾ چا لکيل آهي.ان جو اندازو ان مانلڳائي سگهجي ٿو ته سوڀي کي ته لاهور جي شاهي قلعي ۾ ٽارچر پڻ ڏنو ويو.

سو ڳالهه اصل ۾ اها اهي ته 1947ع وارو ورهاڱو هڪ خوفناڪ عمل هو جنهن ۾ بنگالي ۽ پنجابي اڳرا هئا ان ڪانپوءِ پناڻ جذباتي هئا.بلوچ ته 1947ع ۾ پاڪستان جو حصو ئي ڪونه هئا.سال پوءِ 1948ع ۾ فوجي ايڪشن ذريعي خان اف قلات کي زوريءَ پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو هو.

اهوبہ تاريخ جو انوکو عمل آهي تہ جيترو بنگالين کي پاڪستان ناهڻ جو شوق هو هو سزا بہ ڪين ايتري ملي بئي نمبر تي سزا سنڌين کي ملي جن 1938ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ پاس ڪيو.جنهن کي بعد ۾ 1940ع وارو لاهور جو ٺهراءُ سڏيو ويو ۽ جنهن ماڻهوءَ اهو ٺهراءُ پاس ڪرايو تنهن هٿڪڙين ۾ وفات ڪئي.

سو اهو تہ ٿيو ورهاڱي جو سياسي پهلو پر ورهاڱي جو مذهبي ۽ ثقافتي پهلو بہ هو.ڪامريڊ سوڀو چوندو آهي تہ هندو ۽ مسلمانن ۾ بنيادي 4 فرق آهن.

- ❖ هندو لاش کي ساڙن ۽ مسلمان پورين.
- ❖ هندو ڳئون ماتا جو گوشت نہ کائن ۽ مسلمان کائن
- ❖ مسلمان سئوٽ ماسات سان شادي ڪن ۽ هندو انهن کي ڀيڻ تصور ڪن
- ❖ هندو ختنو يا طهر نہ ڪرائن ۽ مسلمان ڪرائن.

هن سموري بحث ۽ تاريخي حقيقت ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾جيڪا نفرت جي ديوار صدين کان تعمير ڪئي وئي آهي ان جو ڪو جواز هو پر هاڻي ان کي ڊانو وجي.سفما کي پڻ ان ايجنڊا تي خاص زور ڏيڻ جي ضرورت آهي.مونکي بمبئي جي دوري دوران ۽ جڏهن ڪراچيءَ ۾ بمبئي جو 35 ڄڻن جو وفد دوري تي آيو تہ ٻنهي ڌرين مان ڪيترن اهڙن ماڻهن جون تقريرون ٻڌي اندر ۾ ڪل پئي آئي چاڪاڻ جو مونکي اندازو هو تہ اڄ جيڪي ماڻهو”هندو مسلم ڀائي ڀائي“جا نعرا هڻي رهيا آهن سنڌ ۾ خونريز فساد انهن جي اچڻ ڪانپوءِ ئي ٿيا هئا.

سو اها بہ تاريخي حقيقت آهي تہ پلي سنڌي هندو ،سنڌي مسلمانن کي”ڄٽ،چوندا هجن ۽ پلي تہ سنڌي مسلمان سنڌي هندن کي

”يهودين“جهڙا لقب ڏيندا هجن پر مغربي دنيا جي جملي مصنفن ان ڳالهہ جو چڱي طرح اقرار ڪيو آهي تہ هندو مسلم فساد سجي ننڍي کنڊ ۾گهٽ۾ گهٽ سنڌ ۾ تيا هئا چاڪاڻ تہ سنڌ ۾ مذهبي ڪٽرپڻو گهٽ آهي.

مونکي ذاتي طور تي خبر آهي تہ منهنجي ڳوٺ ٻلهڙجي(لڳ مهين جو دڙو تعلقو لب درياهہ،چاندڪو پرڳڻو)مان ڪيترائي هاري پنهنجي ڏاند گاڏيءَ تي سون پاتل سنڌي هندو عورتن کي سندن مردن سان گڏ رات وڳڙي حفاظت سان ويجهي ريلوي اسٽيشن تي پهچائي آيا هئا تہ جيئن اهي حفاظت سان هندستان هليا وڃن ۽ منهنجي ڳوٺ ۾ ائين بہ ٿيو هو(جيڪو مون ڳوٺ وارن کان ٻڌو هو)تہ ڪيترن سنڌي هندن پاڙي جي سنڌي مسلمانن کي وڏي واڪي تي چيو تہ ”يائي اجا تہ اسان وينا آهيون.سياڻي ويندا‎سين اوهان اچ ئي اسانجو سامان چو تا ڪنيون وجو!“ ٻيلي ڏجو ان ڏينهن کان جو اسان جهڙو حشر اوهان جو بہ ٿئي اهو حشر 1988ع ۾ اسان برابر ڪراچيءَ ۾ سنڌين وستين سان ٿيندي ڏٺو.

سو اهو تاريخ جون اهڙيون حقيقتون آهن جن تي پردو ڏيڻ سان نہ سچ ڍڪجي ويندو ۽ نہ ڪوڙ چٽو تي نظر ايندو.سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسئيشن(سفما) واري نالي ۾ لفظ ”فري ميڊيا “۾ جي سنڌي معنيٰ ”صحافتي آزادي“”سچي صحافت“،اخباري حقيقت“ ۽ ”سارو سچ“آهي.

سو برک هندستاني دانشور،ليکک ۽ صهافي ايم جي اڪبر صحيح لکيو هو تہ

"Rivers of blood started flowing when cow was converted into beef"

(جڏهن ”ڳئون ماتا“کي(کهي کائڻ لاءِ)”وڏي گوشت“ ۾ تبديل ڪيو ويو تڏهن ننڍي کنڊ جون نديون رت سان وهڻ لڳيون هيون)

بهرحال ان ۾ ڏوهه نه هندن جو هو ۽ نه مسلمانن جو ٻئي مجبور هئا پنهنجي مذهب ۽ روايتن سبب هندن سان ويڙهن ته اها هئي ته اهي مُهين جي دڙي واري زماني کان سنڌي هئا بعد ۾ جڏهن انهن مان ڪي ماڻهو مذهب متائي ٻڌ ٿيا يا جين ٿيا يا مسلمان ٿيا ته ان حقيقت کي هو تڪڙ ۾ تسليم نه ڪري سگهيا ان صورتحال کي بيني پرساد جي ڪتاب (India's Hindu-Muslim Questions) ۾ تفصيل سان روشني وڌل آهي جنهن کي پڙهي مونکي احساس ٿيو رهيو هو ته جيئن هندن هندستان ۾ مسلمانن کي تسليم ڪرڻ ۾ بخل ڏيکاريو ائين جيڪڏهن سنڌين سنڌ ۾ مهاجرن سان ڪيو ته پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ به 1947ع پيدا ٿي سگهي ٿو(خدا نه ڪري!!!!)

ان قسم جو هندو_مسلم فرق ڏسي خود گڏيل هندستان جي ڪميونسٽ پارٽي ورهاڱي کي قبول ڪيو هو ان جو اڪين ڏٺو شاهد ڪامريڊ سوڀو حال حيات آهي جيڪو چوندو آهي ته ”اسان انگريزن کان آزاد هندستان ۾ آزاد پاڪستان جي گهُر ڪئي هئي.“

اها صورتحال باوجود ان جي خاص ڪري سنڌ ۾ برقرار آهي ته هزارين سالن کان هندو ۽ مسلمان سنڌ ۾ گڏجي رهيا آهن.هڪ ٻئي جي ڏڻن ۾ شريڪ ٿيندا رهيا آهن.ايسيتائين جو ڪيترن مندرن جون تقريبون تيسيتائين مڪمل نه ٿينديون آهن جيسيتائين پاڙي وارا مسلمان چڱا مڙس نه ايندا آهن.

سو ڳالهه دراصل اها آهي ته سنڌ ۾ ڌرمي محبت قديم روايت طور موجود هئي.ان کي جديد دور جي سياسي مصلحت پسندي ۽ اقتداري حوس واريءَ موقعي پرستي گدلو ڪري ايترو خراب ڪيو جو ڳالهه وڃي خون خرابي تائين پهتي.بهرحال اهوئي سبب هو جو مان بمبئي جي دوري دوران وفد ۾ شامل ذهين مردن ۽ عورتن کان بار بار اهو سوال

پچندو رهيس تہ هاني جيڪڏهن اوهان هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ واپار ۽ دوستي چاهيو ٿا تہ پوءِ اوهان 1947ع جو پيدا ڪيو؟؟؟

۽ مونکي ان حوالي سان جيڪي جواب مليا انهن مان مونکي اندازو ٿيو تہ واقعي 58 سالن کان پوءِ اڳي جو ڏتڙيل مسلمان واپاري هاڻي ايترو مضبوط ٿي چڪو آهي جو هو هندستاني سيٺ سان وڻج واپار ڪريسگهي.ٻيو هن جو مفاد ان ۾ بہ آهي تہ هو صرف ٿي وڪر برآمد ڪري ٿوءِ انهن لاءِ هن کي هڪ ارب آدم وارو وسيع مارڪيٽ ملي وڃي تہ ڪيس ٻيو ڇا گهرجيءِ ٽيون آمريڪا جو بہ اهو ارادو آهي تہ ڏکڻ ايشيا جي سيئي ملڪ گڏجي پون تہ چين کي دنيا جي نمبر ون طاقت ٿيڻ کان روڪي سگهجي.

سو دنيا جو جيڪو نئون وايو منڊل جڙيو آهي ان ۾ زنده رهڻ لاءِ جيئن ديوار برلن کي ڊاٺو ويو آهي تيئن هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ نفرت جيديوار کي ڊهٽو پوندو.برلن واري ديوار تہ خير ان ڪري هٽائي وئي جو سوويت يونين ٽٽي ويو جيڪو اڀرندي يورپ کي ڪميونسٽ ڪري هلائيندو هو ۽ آمريڪا الهندي يورپ جي سرمائيدار قوت طور همت افزائي ڪندو هو.اهابي ڳالهہ آهي تہ يورپ جي ٻنهي حصن وچ ۾ ساڳي ڪلچر ۽ يورپي قومپرستي وارو جذبو موجود هو.جنهن ديوار برلن کي پجي پورا پورا ڪري ڇڏيو.ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ گڏيل يورپ جو سڪو جنهن جو نالو"يورو"آهي هاڻي آمريڪا جي ڊالر کان بہ مهانگو ٿي ويو آهي.سو جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ نفرت جي ديوار پجي پوي ۽ سموري ڏکڻ ايشيا ملي ڪري هڪ سڪو رائج ڪري تہ اهڙو سڪو يورو ،ڊالر ۽ يين(چين) جي سڪن جيترو مضبوط ٿي سگهي ٿو.

بهرحال پاڪ_هند نفرتي ديوار ڍاهڻ لاءِ ڪنهن غير معمولي يچ داهه جي ضرورت به ناهي بس ٿورو ”بزنس مائينڊ“ناهٺو آهي چاڪاڻ ته اهو پڻ هڪ اهم اقتصادي اصول آهي ته جيڪي ملڪ پاڻ ۾ سيڙپ ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ پئسا لڳائيندا آهن سيهڪ ٻئي سان جنگيون نه ڪندا آهن.آمريڪا اڄ ڪلهه چين ۾ ڏڙا ڏڙ سيڙپ ڪري رهيو آهي انڪري اهو چين تي ڪڏهن به حملو ڪرڻ نه ٿو گهري ۽ چين پڻ اعلان ڪيو آهي ته اهو اڄ ڪانپوءِ هندستان سان ڪابه جنگ نه ڪندو.

سو دنيا امن ڏانهن قدم وڌائي رهي آهي انڪري اسان کي گاهه ڪائڻ ۽ ايٽم بم واري عياشي ڪانسواءِ ڪجهه ٻيو به سوچڻ گهرجي.

# علمُ ،عالمَ ۽ انسان

هوٽل جي ڪمري مان تيار ٿي ناشتو ڪرڻ لاءِ هيٺ ريسٽوران ۾ اچڻ لاءِ جيئن ئي لفٽ ۾ داخل ٿيس تہ اتي اڳي ئي هڪ يورپي عورت سوار هئي.لفٽ هيٺ لهڻ لڳي تہ ان وچولي قد جي يورپي مائيءَ اکيون کڻي منهنجي مٿي تي پيل سنڌي ڪاون واري ٽوپي ڏانهن چتائي ڏٺو ۽ انگريزي ۾ چيائين تہ هي اهڙي خوبصورت ٽوپي ڪٿان خريد ڪئي اٿوَ؟مون کي ممبئي جي مارڪيٽ ۾ تہ اڃ تائين اهڙي شيءِ نظر نہ آئي آهي!!!

۽ پوءِ مون موقعي مان فائدو وٺي هن کي هڪ ڊگهو ليڪچر ڏنو جنهن ۾ کيس ٻڌايم تہ سنڌ دنيا جي ڪهڙي خطي کي چئبو آهي."هند" لفظ خود"سنڌ"لفظ مان نڪتو آهي.هي ٽوپي سنڌي ۽ بلوچي ڪلچر جو حصو آهي.۽ پرت واري دستڪاري جي هنر جو ڪمال آهي.ان کي خاص ڪري عورتون ٺاهينديون آهن۽ ان ۾ Thread workتوڙيGlass work ٻئي شامل هوندا آهن.

جيسيتائين اسان اها ڪچهري ڪئي تيسيتائين ناشتو بہ ڪري ورتوسون......انگريزياڻي هڪڙي پاسي رواني ٿي وئي ۽ مان پاڪستان مان آيل 30 ڄڻن واري وفد سان گڏ مس ڊمپل گانڌي(جيڪا اسان جي ٽوئر انچارج هئي)جي سربراهيءَ ۾ بمبئي يونيورسٽي گهمڻ لاءِ وڏي بس ۾ سوار ٿي روانو ٿيس.

اها سنڌي ٽوپي جنهن بمبئي جي ڪيترن ئي ماڻهن جو ڌيان مون ڏانهن ڇڪايو هو سا مونکي دادو ضلعي جي سيتا ڳوٺ لڳ ڪنهن جاءِ

تان منهنجي سوٽ يا ماسات جنهن کي اسان”ڏاڏو هادن“ ڪوٺيندا آهيون.ان نهرائي ڏني هئي.هن ٽوپيءَ جي خاص ڳالهه ها آهي ته ان ۾ شيسا به آهن ۽ شيشن کان خالي سوراخ به آهن جن مان مٿي کي هوا لڳي ٿي ۽ ٽوپي مٿي ۾ سور نه ٿي وجهي.

مان سوچي رهيو هوس ته جيڪڏهن پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ واپار کُلي پوي ۽ اها دري سموري ڏکڻ ايشيا جيملڪن ڏانهنڪلي پوي ۽ سنڌ مان پرت جو سامان ،سنڌي ٽوپي ،اجرڪ ،سوسي،ٽر جو دستڪاري وارو سامان،جيڪو مني شهر مان ملي ٿو.جيل،ڊيلتا ،ڪڇيءَ ڪاڇي وغيره جون سوڪريون هڪ ارب آدم واري ملڪ هندستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن ڏانهن برآمد ڪجن ته جا سنڌي ٽوپي سيتا ۾ اڳي هڪ هزار رپين ۾ ملندي هئي ۽ هاڻي ڪني ڏيڊ هزار تي ملندي هوندي سا بمبئي ۾ خوشيءَ سان ماڻهو ٻن اڍائي هزارن ۾ وٺي ويندا خاص ڪري يورپي ماڻهو ته اهڙين شين جي قيمت اجا به وڌيڪ ڏيندا ۽سرها به ٿيندا.

مائيڪ جي آواز مونکي ٻلهڙجي ۽ سيتا،پائو شبير ۽ ڏاڏي هادن ،سيٺ قاسم ۽ هن جيڏڪان تي بينل لسي چوڪر سجاد جي خيالي دنيا مان موٽائي بمبئي يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ موٽائي آندو هڪ نوجوان انگريزي ٻوليءَ ۾ يونيورسٽي بابت معلومات ڏئي رهيو هو .مونکي اهو ڏسي حيرت ٿي ته هندستان جي موجوده قيادت نوجوان ماڻهن ڏانهن منتقل ٿي چڪي آهي.ممبئي اسٽاڪ ايڪسچينج تي جنهن ماڻهوءَ اسان پاڪستاني وفد کي بريفنگ ڏني .ان جي عمر 40 سالن جيلگ ڀڳ هجي.بمبئي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر 50 سالن کان مٿي جي عمر جو هجي پر جيڪو يونيورسٽي جو انچارج هو سو 40 سالن جو نوجوان پئي لڳو.ممبئي ميگا سٽي جو ڪمشنر ڊاڪٽر چندر شيڪر نوجوان هو. ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ اسان سان رابطي ۾ ايندڙ

سيئي نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هئا.مون ڪائنن پڇيو ته اوهان هتي ڪهڙي تعليم حاصل ڪندا آهيو؟هنن چيو ته هتي سيئي شعبا آهن پر اسان ڪمپيوٽر سان واسطيدار ڪورس ڪندا آهيون.مون چيو پوءِ اوهان کي نوڪري ملي وڃي؟هنن چيو ته نوڪري ڪورس پوري ٿيڻ کان اڳ ملي ويندي آهي.هن شهر ۾ لاتعداد پرائيويٽ ڪمپنيون آهن جن کي آءِ ٽي(انفارميشن ٽيڪنالوجي)جاماڻهو کپن.سو اسان جيئن ئي ڪورس پاس ڪري نڪرندا آهيون ته اسان کي گهٽ ۾ گهٽ 5 هزار رپيا پگهار ملندي آهي.جيڪا بعد ۾ وڌي 35 هزار به ٿيندي آهي ۽ لکن ۾ به هوندي آهي.

ممبئي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر جئه خولي ٻڌايو ته اسان جا شاگرد هاڻي ڪروڙن ۾ٽي ويا آهن.اسان تعليم اها ڏيون ٿا جيڪا نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي فوري طور روزگار فراهم ڪري ٿيان سان يونيورسٽي جي آمدني به وڌي ٿي ۽ بيروزگاري به ختمٿئي ٿي.هن چيو ته نومبر ۾ اسان يونيورسٽيءَ جي 150 هين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون سو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ هن يونيورسٽيءَ جا گريجوئيٽ هجن ته اسان انهن کي دعوت ڏيون.

مان سوچي رهيو هوس ته ڪمپيوٽر ڪورس ته ٽيڪنيڪل آهي سي ته ڪجهه استادن جيقابليت سبب ڪجهه شاگردن جي محنت سبب ۽ ڪجهه نوڪري جي لالچ ۾ شاگرد سکي وڃن ٿا پر اهو ڪهڙو راز آهي جو هندستان جا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون صحيح تزءِفراوانيءَ سان انگريزي ڳالهائن ٿا.ان معيار جي انگريزي اسان جي يونيورسٽين جاگريجوئيٽس به ڳالهائي نه ٿا سگهن ۽ ڪيترا استاد به انگريزي ۾ جڏا آهن.مون ڏٺو ته هندستان ۾ هوٽل جا بيرا ۽ پنگي به”گڊ مارننگ“ ،”گڊ آفٽر نون“،”گڊ نائيٽ“ چئي رهيا هئا.

مون ممبئي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر کان سوال ڪيو ته اوهان پنهنجي بريفنگ ۾ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جو ذڪر ڪيو آهي.مون انٽرنيٽ تي پڙهيو آهي ۽ آمريڪا ۾ ڪن هندو سنڌي دوستن مونکي ٻڌايو هو ته هندستان جا خود سنڌي ماڻهو انگريزي ڏي وڌيڪ ڌيان ڏئي رهيا آهن.هوڏانهن گوبند مالهيءَ هڪڙي دفعي سويي گيانچنداڻي کي چيو هو ته "منهنجو ڏوهٽو هڪ دفعي مونکي ڪن ۾ اچي چئي پيو ته تون ۽ ناني پاڻ ۾ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهيو؟"

سو مونکي مهرباني ڪري ٻڌايو ته ممبئي يونيورسٽي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جي صورتحال ڇا آهي؟

ان تي ڊاڪٽر خولي صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته نه رڳو سنڌي پر هندستان جي سيني مقامي ٻولين بدران ماڻهو انگريزي ۽ ڪمپيوٽر(ڇاڪاڻ ته انگريزي انٽر نيٽ جي زبان آهي)ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏئي رهيا آهن.ڇاڪاڻ ته ان سان هنن جي روزگار جو مسئلو حل ٿئي ٿو.

بهرحال اسان سنڌي ٻولي کي هندستان جي آئين مطابق ڏنل سرڪاري حيثيت آهر اهميت ڏيون ٿا .اسان هاڻي سنڌي ڪميونٽي مان چنداڪري سنڌي ڊپارٽمينٽ کي وڌائي رهيا آهيون ۽ ساڳي ڪاوش سنسڪرت لاءِ ڪيون ٿا)هن وقت بمبئي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه ٻلديو متلاڻي آهي جنهن "شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو"واري عنوان سان ٿيسز لکي سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي حاصل ڪئي آهي.)

ياد رهي ته سفما پنهنجي پروگرام ۾ واضح ڪيو آهي ته ڪراچي ـبمبئي ايڪسچينج پروگرام ڪراچي يونيورسٽي ممبئي يونيورسٽي

سان خانگي طور ڪو تعليمي سهڪار جو ناهه صحيح ڪري هندستان توڙي پاڪستان حڪومت کي ان تي ڪو اعتراض نہ هوندو.

هونئن بمبئي جي پنجن ڏينهن واري دوري دوران پاڪستاني وفد ۾ شامل پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي شيخ(جيڪو ان وقت سنڌ مدرسي جو پرنسپال هو)تنهن ۽ ڊاڪٽر جبار خٽڪ ممبئي جي ڪائونٽر پارٽس سان تعليم جي شعبي ۾ هڪ (MOU(Memorandum of under standingتي صحيحون ڪيون ڪيون آهن.

بهتر ٿيندو تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو سنڌي ڊپارٽمينٽ پروفيسر سليم ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه لطيف چيئر ڊاڪٽر فهميده حسين جي سربراهيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽي چانسلر پيرزاده قاسم رضا صديقي هاير ايجوڪيشن جي سربراهه پروفيسر عطاءُ الرحمان جي آشيرواد ممبئي يونيورسٽي سان تعليمي سهڪار ڪن تہ هوند ڪراچي، حيدرآباد،لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن جي گهٽين ۾ وڏا وار رکايون ۽ لنڊا بازار جي پينٽ پايون نوجوان ڇوڪرا تي تي پستولن سان رانديون ڪندي ۽ نشا پتا ڪندي پنهنجو جيڪو وقت ضايع ڪري رهيا اهن سو جيڪر سڦل گذاري سگهن.

ڪمپيوٽر جي جهان ۾ ڪِهڙي وجڻ سان روزگار سان بہ لڳي وجن ۽ سماج ۾ ڏوهہ بہ گهٽجي وجن.نوجوان عورتن جي تعليم ۾ بہ اضافو ٿي سگهي ۽ شڪارپور جي ڊاڪٽر آغا گل جهڙا ماڻهو جن جا ڪمپيوٽر سائنس تي لکيل ڪتاب آمريڪا جون يونيورسٽيون پنهنجن شاگردن کي پڙهائي رهيون آهن(هو شڪاگو يونيورسٽي ۾ ڪمپيوٽرسائنس جو پي ايچ ڊي ڊاڪٽر ۽ پروفيسر آهي) ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي(مرحوم)جي پٽ سرمد عباسي جهڙا ماڻهو پيدا ٿين جنهن پڻ ڪمپيوٽر سائنس ۾ پي ايچ ڊي آمريڪا جي هڪ يونيورسٽي مان ڪئي هئي ۽ جڏهن هن پي ايچ ڊي

جي ڊگري ملي رهي هئي تہ سڄي يونيورسٽي جو عملو استادن سميت هن جي اعزاز ۾ اٿي بيٺو هو ۽ اعلان ڪيو ويو تہ ان آمريڪن يونيورسٽي جي تاريخ ۾ ايترين مارڪون ڪنهن شاگرد نہ ڪنيون آهن.انهيءَ ڊاڪٽر سرمد عباسيءَ کي آڇ نہ سنڌ يونيورسٽي نوڪري ۾ رکڻ لاءِ آفر ڏئي ٿي ۽ نہ ڪراچي يونيورسٽي هو لاهور جي لمس(لاهور يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنس)۾ نوڪري ڪري رهيو آهي جتي ندس گهرواري ڊاڪٽر ريڪو دتا جيڪا ماليڪيولر بائلاجي ۾ پي ايچ ڊي آهي سا بہ رهي ٿي پر سنڌ يونيورسٽين کي اهڙن قابل ماڻهن جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي.

ڊاڪٽر گل آغا تہ خير آمريڪا جي يونيورسٽي ڇڏي هيڏي ڪونہ ايندو پر سندس گهرواري جيڪا هڪ آمريڪي خاتون آهي تنهن ڀٽائي جي ڪلام ۾ آوازن جي موسيقي Phonology تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي.ان کي تہ شايد دعوت ڏئي سگهجي ٿي تہ اها سنڌ يونيورسٽي ۾ اچي ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ترنم تي ڪو ليڪچر ڏئي.ٻيو تہ ان پئماني جو عالم ۽ پي ايچ ڊي پروفيسر رامچند اوڏ آهي جنهن گڏيل قومن جي خرچ تي سر ۽ ڪلر واري موضوع تي ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.هيئنر هو ٽين دنيا ۾ ڪنسلٽنٽ ٿي ايندو ويندو آهي.سنڌ جي شهر ڪنڌياري سان هن جو تعلق آهي .اوير پاڪستان ۾ آپريشن خلاف منهنجو لکيل خط جنهن جي بنياد تي مون تي بغاوت جو ڪيس هليو هو 1971ع ۾ ۽ مون کي ان ڏوهہ جي ست سال قيد واري سزا ٻڌائي وئي جڏهن تہ مان پنج مهينا قيد ڪاٽيو ان خط ۾ رامچند اوڏ ڏانهن سلام لکيل هئا جنهن ڪري هتي هن جو جيئڻ جنجال ٿي پيو هو .هو آمريڪا هليو ويو هو رامچند انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ۽ ضياءُ جلباڻي ۽ مان انگريزي ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچر هئاسون جنهن ڪري

مون هن ڏي سلام موڪليا هئا جيڪي هن لاءِ زحمت بہ بڻيا ۽ رحمت بہ ثابت ٿيا.

# سرحد پار سنڌي

هند ۾ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ٻنهي هنڌن تي ٻوليءَ جو استعمال ،ترقي ،ادب،ڪتابن جي ڇپائي ،ڪمپيوٽر تي سنڌي جو استعمال ،سنڌيءَ کي انٽرنيٽ جي ٻولي بڻائڻ،ان جيمختلف شعبن جهڙوڪ شاعري،ڪهاڻي،ناول،مضمون نگاري،تنقيد،لوڪ ادب ۽ لطيفيات وغيره ۾تيل ترقي،ڪلاسيڪل سنڌي ادب جي ڳولا،حفاظت ۽ پذيرائي،سنڌي ٻوليءَ جي لپي يارسم الخط سان تعلق رکندڙ مامرا ۽ آخر ۾ لسانيات جي شعبي ۾ اهڙيون ڪاوشونجنهن جي مدد سان سنڌو لکت پڙهي سگهجي يعني مُهين جي دڙي واري ٻولي جو پڙهڻ وغيره آهي مقصد آهن جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هند ۾ سنڌ جيڪڏهن گڏجي ڪوششون ڪن ته وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهن ٿا.

هن وقت جيڪا صورتحال آهي انڪي سنڌ جي دادوءَ واري علائقي مان لڏپلاڻ ڪري ويل پروفيسر ستيش ڪمار روهڙا جنهن ڪجهه وقت ڪڇ جي اديپور ۾ قائم انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي سنڀالڻ جو بخوبي ڪم ڪيو هو ۽ هند جي وڏن دانشورن مان هڪ آهي ان جي لفظن ۾ ”سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڌرتي آهي هند ۾ سنڌيءَ کي ڌرتي ناهي.باقي وڏڻ ويجهڻ جا جهجها موقعا آهن“هن جو دادا ڪيرت ٻاٻاڻي توڙي ”سنڌ اسٽوري“جي مصنف ملڪاڻي جو خيال هو ته جيڪڏهن هند ۾ سنڌ جا سنڌي ٻولي ۾ ادب ،ثقافت ۾ ائنٿروپالاجي،لطيفياتءِ لوڪ ادب تي ڪوجنا ڪن ۾ ڪم ڪي جنبي وجن ته هوند سنڌو لکت به جيڪر پڙهڻ ۾اچي وڃي.

هن وقت هند ۾ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب ڪهڙي حالت ۾ آهي سو موضوع ريسرچ گهري ٿو ان جو حقيقي روپ ڊيڪارڻ ان موضوع تي ڪا مستند راءِ ڏيڻ يا تفصيلي جائزو وٺڻ جي مون ۾ في الحال سگهه ناهي چاڪاڻ ته ان حوالي سان گهربل ڊيٽا مون وٽ موجود ڪونهي.

پر مونکي عام طور تي ايتري خبر آهي ته ٻنهي ملڪن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي روزگار حاصل ڪرڻ اعليٰ سائنسي علم حاصل ڪرڻ ،بين الاقوامي وڻج واپار ۾ اڳتي وڌڻ مقامي ۽ بين الاقوامي سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ جهڙوڪ گڏيل قومن ،عالمي بئنڪ ۽ ٻين بيشمار پرڏيهي ادارن ۾ وڏين پگهارن تي نوڪري ڪرڻ ۽ ملٽائي نيشنل ڪارپوريشنن ۽ خانگي ڪمپنين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ انگريزي ٻوليءَ ڄاڻڻ جي وڌيڪ ضرورت پوي ٿي.

هندستان جي سرڪار ته پنهنجي معاشري کي مغربي طرز تي هلائي ڇڏيو آهي هندستان دنيا جو انگريزي ڳالهائيندڙ وڏي ۾وڏو ملڪ ٿي ويو آهي ۽ ان حوالي سان انگلستان ۽ آمريڪا کان به گوءِ کٽي ويو آهي.آمريڪا کي اربين ڊالرن جو ڪمپيوٽر سافٽ ويئر برآمد ڪندڙ ملڪ انڊيا آهي ۽ اهو سڀ ڪم مرهٽي ياهنديءَ ۾ نه پر انگريزي ۾ ٿي رهيو آهي.ان ڪري هند جا سنڌي ۽ انهن جو نئون نسل انگريزي ڏانهن وڌي رهيو آهي اها ٻي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي جيڪو بمبئي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو سربراهه آهي ان جو چوڻ هو ته اڄ ڪلهه سنڌي ٻولي پڙهڻ ڏانهن سنڌي هندن ۾ لاڙو وڌيو آهي ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ لاءِ شاگردن جو تعداد 15 کان 50 ٿيو آهي.سنڌي ۾ پرائمري کان يونيورسٽي تائين ۽ پي ايچ ڊي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي.جڏهن ته انڊيا جي آئين ۾ سنڌي ٻولي کي هندستان جي قومي ٻولين وارو درجو مليل آهي.

وري هت سنڌ ۾ جيڪا صورتحال آهي انجو اسان کي اندازو ڪجهه وڌيڪ آهي.هتي سنڌي اسڪولن(پرائمري۽سيڪنڊري) توڙي سنڌي ڪاليجن جو تعداد هند جي مقابلي ۾گهٽتو وڌيڪ آهي چاڪاڻ ته سنڌين جي آبادي وڌيڪ آهي.هند ۾ سنڌي سنڌي ٿورا آهن ۽ ڇڙوڇڙ ٿي مختلف شهرن ۽ رياستن ۾ رهن ٿا جتي جي ڪلچر ۾ پاڻ کي ضم ڪرڻ سان ئي اهي زنده رهي سگهن ٿا.

ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ طرفان 16 مئي 2001ع تي عالمي سنڌي ڪانفرنس جي موقعي تي واشنگٽن ۾ هندستان مان آيل سنڌي هندو ليڪڪن پئي ٻڌايو ته ايل ڪي آڏواڻي جيڪو حڪمران جماعت جي بي جي پي جو سربراهه ۽ گهرو معاملن جو وزير هو ۽ اصل سنڌ جي حيدرآباد شهر جو رهواسي هو سو دهلي ۾ سنڌين کي چوندو هو ته اوهان کي جيڪا مدد کپي سا مان اوهان کي ڏيندس پر اوهان مون سان ڪلم ڪلا نه اچي ملندا ڪريو،چاڪاڻ ته مان سڄي هندستان جو گهرو معاملن جو وزير رڳو سنڌي ووٽنسان نه ٿيو آهيان ۽ نه بي جي پي(حڪمران جماعت)جو سربراهه مون کي سنڌين ڪيو آهي.

ان وقت مونکي پٽو صاحب ياد آيو هو جنهن کي پڻ ملڪي سربراهه بنائڻ ۾ سنڌين کان وڌيڪ پنجاپين جي ووٽ جو عمل دخل هو يا ڪٽي ائين چئجي ته هو صرف سنڌين جي ووٽ جي زور تي صدر يا وزيراعظم نه ٿيو هو.

سو ظاهر آهي ته هند ۾ سنڌي برابر اقليت ۾ آهن هڪ ارب کان وڌيڪ آدمشماري واري ملڪ ۾ چڪي ٿاٽي جيڪڏهن سندن آبادي هڪ ڪروڙ به هجي(جيڪا يقينن ناهي)ته ان جي مقابلي ۾ چار ڪروڙن جي تعداد ۾ سنڌ اندر رهندڙ سنڌي وڏي اڪثريت رکن ٿا.

پر حالت هتي وري اها آهي جو شيخ ايازجھڙي 20 صديءَجي عظيم شاعر جي شاعريءَ جو ڪتاب يا ته هڪ هزارڪاپيون مس هلي ٿو يا چڪي تاٽي ان انگ کي ٻه ٽي هزار ڪري سگهجي ٿو.هتي اسان وٽ سنڌي اخبارن جو سرڪيوليشن حيرتناڪ حد تائينوڏيڪ آهي.چاڪاڻ ته اسان وٽ ٻھراڙيون آهن پر پوءِ سنڌ ۾ وڏ ۾وڏ وڪرو ٿيندڙ سنڌي اخبار جو سرڪيوليشن جيترو لاڙڪاڻي ۾ آهي اوترو ڪراچي ۾ ناهي ان جو سبب اهو ته آهي ته ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي انگريزي به ڄاڻن ٿا ۽ هند وانگي دنيا جي Main stream۾ رهڻ چاهين ٿا.

هاباقي سنڌ جي اڪير برابر هند جي سنڌي هندن ۾ وڌيڪ آهي چاڪاڻ ته اهي پنهنجي ماتر يوميءَ ڪان پري آهن ۽سرحدون بند آهن.جنهن ڪري اهي هيڏانهن سولائيءَ سان ۽ آزادي سان اچي وڃي نه ٿا سگهن.هند جا سنڌي ڪالھ ڪلهوڪي اسان وانگي سنڌ جي مختلف ڳوٺڻ ۽ شهرن ۾رهندا هئا.ورهاڱي انهن کي لڏپلاڻ لاءِ مجبور ڪيو اها ڳالھ برابر بنيادي انساني حقن جي خلاف آهي ته ڪنهن انسان کي پنهنجي ديس ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي پر هتان لڏي ويل ڪي اهڙا به ماڻھو هئا جن کي هندستان ۾ وڃي وڻج واپار ڪري اڳتي وڌڻ جا موقعا هتان جي مقابلي ۾ وڌيڪ جاذب نظر پئي آيا ۽ ڪي اهڙا ماڻھو به هئا جن جون هتي زميندايون ۽ ملڪيتون ايتريون وڏيون هيون جو هنن ڪس ڪائي به هتي رهڻ کي ترجيح ڏني سو هجرت ڪرڻ ڪو مهڻو ناهي:

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو ، مٿو اگهاڙو
منهنجو ڪچاڙو،پيئنر هن پنيور ۾
(پٺائي)

قومپرستي،ڪارل مارڪس،اينگلس۽ لينن جي فڪر مطابق قومي بورجوازي جو فلسفو هوندو آهي.مسلمانن پنهنجي لاءِ الڳ وطن ان ڪري به حاصل ڪيو چاڪاڻ ته هو هندستان ۾ ٽاٽا ۽ برلا سان واپار ۾ مقابلو ڪري نه پئي سگهيا ۽ سنڌ ۾ وڏيرا هئڻ سبب هو جو 1947ع ۾ هندن جي لڏپلاڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ 60 سيڪڙو زرعي زمينون خالي ٿي ويون جن کي حڪومت اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي يا اينيمي پراپرٽي(خاص ڪري بعد وارين جنگين ڪانپوءِ ٿر ۾)قرار ڏنو هو.۽ هندستان مانآيل مهاجرن ۾ ورهائي ڇڏيون هيون.ان خلاف سنڌ ۾ ”الاٽي تحريڪ“هلي هئي جنهن جومقصد اهو هو ته اهي خالي ٿيل زمينون مقامي بي زمين هارين ۾ ورهايون وڃن.پر ائين ٿي نه سگهيو اهي زمينون مهاجرن کي ڏنيون ويون جن موٽائي ڏوڪڙن تي سنڌي مسلمان زميندار کي وڪيون ۽ پاڻ ڪراچي ۾ وڃي گهر وٺي ويهي رهيا.

سو اها ورهاڱي جي تلخ تاريخ اُٿ جيڏي ڊگهي ،ڏکن ۽ سورن ،موقعي پرستي ۽ سازشن ،دلبي ۽ دٻاءَ توڙي زورآوري ۽ زيادتي سان ڀري پئي آهي.ان کي ورهائڻ سان سُتل سور ئي جاڳي پوندا ٻيو ڪجهه هٿ نه ايندو.

هن وقت سوچڻ جي اها ڳالهه آهي ته سنڌي ٻولي ۽ ادب کي جيڪڏهن هٿي وناٿي آهي جيڪڏهن سنڌو لکت پڙهٽي آهي ۽ جيڪڏهن ڇپيل سنڌي ڪتابن جو مارڪيٽ هڪ ارب آبادي واري ملڪ هندستان تائين وڌائڻو آهي جتي اڌ ڪروڙ کن آسودا سنڌي رهن ٿا ان لاءِ سنڌ ۽ هند جون ادبي تنظيمون هڪ ٻئي سان سهڪار ڪن.هڪ ٻئي سان ڏاهه ڪنءِ گڏجي سڏجي ڪوششون ڪن.

اهو ڪم سرڪاري سطح تي ٿيڻ ڏکيو ٿو لڳي ان ڪري اهو ڪم خانگي سطح تي اين جي اوز جي پليٽ فارم تي ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن سنڌ حڪومت ان جو تعليم وارو ڪاتو،ثقافت وارو ڪاتو،سنڌي ادبي بورڊ،سنڌ يونيورسٽي،سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ،سنڌي لئنگويج اٿارٽي،ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،سنڌالاجي ۽ سنڌ پروانشل ميوزيم،انڊيا جي اهڙن ادارن سان گڏجي ڪم ڪري نه ٿا سگهن ته اهو ڪم سنڌي اديب ۽ ليکڪ خانگي تنظيمون ناهي ڪري سگهن ٿا.

هن وقت پاڪستان ۽ هندستان جي حڪومتن جو رويو ڪافي بدليل آهي اهو به ٿي سگهي ٿو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت جو ڪو سرڪاري ادبي ادارو پاڪستان جي وفاقي حڪومت کان اهڙي اجازت وٺڻ جي ڪوشش ڪري ته ٿي سگهي ٿو ته ڪيس اهڙي اجازت ملي وڃي.پر جي اهو ممڪن ناهي ته خانگي سطح تي اهڙو ڪم شروع ڪيو وڃي  جنهن جي ڪاميابيءَ جاامڪان موجود آهن.

سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسئيشن(سفما)اهڙيامڪان سبب ٻنهي ڪشميرن،ٻنهي پنجابن ۽ ٻنهي ساموندي بندرن(ڪراچي۽ ممبئي) وچ ۾وفدن جي مٽا سٽا ڪئي ۽ انڪم ۾ ڪين ٻنهي ملڪن جو آسيرواد به حاصل رهيو ۽خرچ پکو پڻ ناروي ۽ هالينڊ مهيا ڪيو.

## ساڳا ڪُنا ساڳ جا

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”هڪ ڏينهن عيد ،ٻئي ڏينهن ڳِيد ٽئين ڏينهن ساڳاڪُنا ساڳ جا“

هن چوڻي جو اصلي مقصد ته اهو آهي ته غريب ماڻهو پنهنجي روزاني زندگيءَ۾ جيڪو ڪجهه لسي ،ڀت يا دال ماني ڪائيندو آهي ان ۾ عيد واري ڏينهن اوچتو تبديلي اچي ويندي آهي.عيد تي غريب غربو نوان لٽا پائيندو آهي ۽ لذيذطعام ڪائيندو آهي ان لاءِجيڪڏهن پنهنجا پئسا نه هوندس ته قرض پکو به وٺي زرچ ڪندو ۽ موقعي ڪي ماڻُ

ڏيندو.اهڙي طرح عيد واري ڏينهن جيڪا عياشي ڪندو ان مان بچت سچت ٿئي ڏينهن ٻه ڪائيندو ۽ پوءِ ٽئين ڏينهن ”ساڳا ڪُنا ساڳ جا“يعني اهو ساڳيو لسي پت يا دال ماني وغيره.

هن چوڻي کي ان وقت ٻه استعمال ڪبو آهي جڏهن ماڻهو يڪسانيت واري زندگيءَ مان تبديليءَ ڏانهن وڃي وري ساڳي يڪسانيت واري زندگي ڏانهن موٽي ايندو آهي.سواسان جڏهن ممبئي جي فائِ اسٽار هوٽل جا سٺيا ڪاڏا ۽ رهائش جون عياشيون ماڻي هندستاني حڪومت جا سرڪاري مهمان(پاڪستان ۾ سياسي محاوري طور سرڪاري مهمان جيل ۾ وڌل قيديءَ کي چئبو آهي) ٿي ڪري ممبئي ۾ پوليس ٿاڻي تي رپورٽ ڪرڻ کان آجا ٿي وي آءِ پي طريقي سان گهمي ڦري 27 مئي 2006ع تي واپس ڪراچي پهتاسين ته وفد ۾ شامل هڪ سنڌيءَ کي اها چوڻي ياد آئي ته”ساڳا ڪُنا ساڳ جا“.

ساڳ سرنهن جو ٻه ٿئي ته چڻن جي پليءَجو ٻه ساڳ چئجي مترن جي پلي ،پالڪ۽ مريئڙو ٻه ساڳ واري ڀاڄين ۾ شامل آهي پر مونکي ذاتي طور مريڙو(مريئڙو)باقي سيني ساڳن کان وڌيڪ لذيذ لڳندو آهي.

مريڙي جو هڪڙو ذائقو ته مون زندگيءَ پرنه وسرندو ٽرجي دوري تي هجون خالد مخدوم،منظور چانديو ،فيض خاصخيلي ۽ بشير ميمڻ وغيره دوست گڏ هجن پورٽ قاسم ۾ ڊي جي ايم هئڻ ڪري خالد مخدوم پجيرو هٿ ڪيو هجي جنهن ۾ سفر ڪري رهياهئاسون انسان اسان ڪارونجهر جبل کي طواف ڪيو هو.۽ وسڪارن ڪانپوءِ ان جبل مان نڪرندڙ انن وڏين ندين ۽ ڇئن ننڍين ندين جي پاڻي مان پجيرو کي منظور چانڊئي پاهر ڪڍي اسان کي جڏهن ڇاڇري تعلقي ۾ ڪامريڊ ڄام ساقيءَجي ڳوٺ جهنجهيءَ م آندو هوته تڏهن ڄام جي امڙ حال حيات هئي.هن مونکي پنهنجي گهر جي چوئنري ۾آڻائي ڪراچي جي گهروارن

ياتين جو پچوهو ۽ خاص ڪري منهنجي گهرواريءَ(مرحومہ)جي شگر واري بيماريءَ بابت پچا ڳاڇا ڪئي هئي ۽ پوءِ جڏهن مان واپس دوستن سان پچيرو ۾ وڃي وينو هوس تہ اسان کي باجهريءَ جي مانيءَ مٿان مريڙي جوچاڻو رکي موڪليو هئائين جيڪو اسان سيني سفر جي ساٿين ٽورو ٽورو ڪري کاڌو هو ان جو ذائقو بمبئي جي فاءِ اسٽار هوٽل جي بُوفيءَ ۾ موجود لاتعداد کاڌن،ڀاڄين،ميون،ساس ۽ الائي ڇا ڇاشين مان ڪنهن بہ کاڌي ۾ ڪونہ هو.

سنڌ ۾ (چٽن يا مٽرن جي)پلي واري ساڳ جي هڪڙي خاص ڳالهہ آهي تہ هيءَ اهڙي ڀاڄي آهي جنهن جي لاڳيتي کائڻ جي باوجود ماڻهو ان مان ڪڪ يا بيزار نہ ٿيندو آهي.ٻي هر ڀاڄي يا ٻوڙ گهڻو کائبو تہ ماڻهوبيزار ٿي پوندو.ماڻهو روزانو گوشت کائيندي کائيندي ٿڪجي پوندو.ميڇي،آنا ۽ ٻيون شيون لاڳيتو کائڻ سان ٿڪائي وجهنديون پر مکڻ سان مکيل چانورن جي ماني،پلي ۽ کير ماڻهو سڄي عمر خاص ڪري رات جي وقت کائي سگهي ٿو چاڪاڻ تہ ڪڪ نہ ٿيندو.

خبر ناهي اسان سنڌين جو نئون نسل جيڪو ذري گهٽ انگريزدان ٿي ويو آهي وڏن شهرن ۾ رهي ٿوءِ پيزا کائي ٿو سو هي ساڳ پليءَ واري ٻولي سمجهي بہ سگهندو هوندو الائي نہ پر اسان پنهنجي هڪ دوست زاهد مخدوم جي پورچوگيز زال کي سنڌ جي دوري دوران چٽن جي پلي کارائي تہ هن ان تي تبصرو ڪندي چيو تہ هن سڄي زندگي اهڙي سبزي ڪڏهن بہ نہ کاڌي آهي.

سو جنهن زماني ۾ سنڌي ماڻهو شام جو پٽڙو پت کائيندا هئا صبح جو راتوکو جميل ۽ ٿريل چانورن جو پت ۽ مٿان ڏونئرو وجهي کائيندا هئا.رات جو کير صبح جو لسي مکڻ ۽ ماکي ۽ هڪ ويلو ڪو ٻوڙ کائيندا هئا تڏهن سنڌ ۾ هيپاٽائيٽس نالي ڪا بيماري ڪانہ هوندي

هئي جنهنڪي هاٽي جيري جي ڪئنسر به چون ٿا.ان زماني ۾ سنڌي ماڻهو صحتمند هئا دل جون بيماريون گهٽ هيون ۽ روزاني زندگيءَ ۾ محنت مزدوري سبب ماڻهن جي چمار به ڏکهي ٿيندي هئي.

سو بمبئي جي سفر پڄاڻيءَ وارو ڏينهن هو اسان ڪي ناريل جا پيتل پاڻي ،منرل واٽر ۽ جنهن ڪي پاڪستان ۾ بندش سبب ڏبيل لفظن ۾ صرف”پاڻي“ ڪوٺبو آهي ان جون يادون پاسي واري ڪيسي ۾ وجهي مهاراشٽر جي چيف منسٽر ۽ ڊپٽي چيف منسٽر جي ڏنرن ۽ لنچن ۾ ڪاڌل لذيذ ڪاڌن جو ذائقو ياد ڪري وات ۾ پاڻي آڻي ميزبانن کان موڪلائي(ميزبانن موڪلائڻ مهل پاڪر پئي پاتا ۽ انهن ۾ سڀ مرد شامل نه هئا)وڏي سائيز جي ايئر ڪنڊيشنڊ بس ۾سوار ٿي بمبئي جي ”راڻيءَ واري هار“يعني شهر اندر اڌ گول ساموڊي ڪناري بمبئي يونيورسٽي جي خوبصورت ٽاور،آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ ڏکهيون عمارتن،اسڪوٽر هلائيندڙ نوجوان ڇوڪرين ۽ اڌڙوٽ عورتن کي بس جي شيشي اندران هٿ لوڏي الوداع چوندي انهيءَ شهر کان موڪلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسون جنهن جي پريزيڊنسي ۾ سنڌ 93 سال گذاريا هئا ۽ جنهن کان 1936ع ۾ عليحدگي اختيار ڪري شروع ۾ ڪراچي پوءِ اسلام آباد ۽ بعد ۾ ون يونٽ وارن ڏينهن دوران لاهور واري گهاٽيءَ ۾ پيڙبا رهيا هئاسون.

بمبئي کان ڪراچي ڏانهن واپسي واري سفر جڏهن مون پنهنجي سامان تي نظر وڌي ته هڪ ڳالهه سوچي مان لڇي ٿيڻ لڳس.منهنجي سامان ۾ نه رڳو بمبئي پر هندستان جي بين به ڪيترن ئي شهرن جي خوبصورت ۽ اهم تاريخي ماڳن مڪانن بابت ڪيترائي پمفليٽ موجود هئا.امن سوچي رهيو هوس ته جڏهن بمبئي مان 30 يا 35 ڄڻن جو وفد ڪراچي ايندو ته ڪين ڏيڻ لاءِ اسان وٽ مهين جي دڙي ،ساڌ بيلي ،پنيور

،انڊس ڊيلٽا ،سنڌو درياهه ،ٻيٽ شاهه ،منڇر ڍنڍ ،حمل ڍنڍ،ڪينجهر ،هاليجي ،ملڪي ،ڪلان ڪوٽ ،پير پٺي،سسئي جي مزار،سهڻي جي مزار،ماروي جي ڀالوا ڳوٺ واري کوهه ،ٿر جي جين ڌرموارن مندرن ،ڪارونجهر جبل،ڪير ٿر جبل،ڪائي واري نخلستان،ست گهري ،ٻيٽ جبل،سيوهڻ ،شڪارپور،رني ڪوٽ ،شاهجهان مسجد(ٺٽو)پورن داس مندر، ڪلفٽن وارو مندر، قلندر شهباز جو روضو، چوکنڊي قبرستان، سکر بئراج، ستين جو آستان، بکر جو قلعو، جند پير، روهڙي اري محلات،پوڏيسر واري مسجد ۽ گوڙي مندر وغيره جهڙن ماڳن مڪانن بابت ڪي ٻه چيپل پمفليٽ ته ڪونه آهن.پوءِ اسان موٽ ۾ پنهنجيبمبئي جي مهمانن کي ڇا ڏينداسين؟!!!!!!!!!!!!

اهو سوچيندي ايئر پورٽ تيپهچي وياسين بمبئي جيسرڪار هڪ نئون ايئر پورٽ نهرائي رهي آهي هن وقت بمبئي ۾ جيڪو هوائي اڏو آهي سو ڪراچي جي جديد ايئر پورٽ جي مقابلي ۾ ڄڻ ڪجهه به ناهي پر ان تي ٽريفڪ تمام گهڻي آهي.درآمد ۽ برآمد جام آهي پر شوبازي صفا ڪونهي.

ايئر پورٽ تي امر جليل مليو مون ڪي گذريل رات بمبئي ۾ نند جويري ٻڌايو هو ته امر جليل به اوهان واري فلائيٽ ۾ ڪراچي هلندو،پري پري ڪان نند سان به باءِباءِ ٿي هئي.امر جليل ٻڌايو ته هن جي ٽڪيٽ ڪنفرم ٿيڻ ۾ڪو مسئلو پيداٿيو هو جو بعد ۾ حل ٿي ويو پوءِ ته اسان جهاز جي حوالي ٿي وياسون،بمبئي شهر ۽ انهن جا ماٺهو ساموندي ڪنارا ۽ اتي وينل جوڙا ،سفما انڊيا آفيس ۽ انهن جا سرگرم صحافي سڀ پوئتي رهجي ويا ۽ اسان ڪي پي آءِ اي جهاز جي پائلٽ ٻڌايو ته پاڻ سوا ڪلاڪ اڏام ڪري ڪراچي پهچنداسين.

مان سوچي رهيو هوس تہ بمبئي ۽ ڪراچي هڪ ٻئي کان سوا ڪلاڪ پنڌ تي آهن تن کي 58 سالن تائين پاڻ ۾ ملڻ چو نہ ڏنو ويو آهي؟چون ٿا تہ دنيا الله تعاليٰ ناهي آهي پر انتي ماڻهوءَ جيڪي ليکون ڪڍيون آهن سي نئين لوح محفوظ جي صورت وٺي ڪروڙين انسانن جي زندگيءَ کي متاثر ڪري رهيون آهن.

جهاز ۾لنچ ڪارائڻ جو جوڳو بندوبست هو ايئر هوسٽس ۽ اسٽيورڊ جُوس بوائل چانور سبزي ۽ گوشت سويٽ ڊش وغيره ڪنيون بيٺا هئا اسان کي ٻنپهرن جي ساڍي ٽين وڳي ڌاري ڪراچي پهچڻو هو سو منجهند جي ماني کائڻ ضروري هو اجا لنچ مان فارغ مس ٿياسون تہ جهاز هيٺ لهڻ لڳو ۽ اجا جهاز جي عملي پنهنجا ٿانو ٿڦا ميڙي ئي مس ورتا تہ جهاز جا ڦيٿا زمين تي هلڪي ڌڌڪي سان لڳي ڦرڻ لڳا.جهاز هوريان هوريان هلندي هلندي بيهي رهيو.جهاز جي پائليٽ اعلان ڪيو تہ اسان ڪراچي ايئر پورٽ تي لهي چڪا آهيون.ائين چئي هن اسان کان موڪلايو ۽ جيئن ئي اسان جهاز کان ٻاهر نڪري ايئرپورٽ جي وسيع بلڊنگ ۾ بجلي تي هلندڙ رستن ذريعي تيزيءَ سان ٻاهرين در ڏانهن وڌي رهيا هئاسون تہ منهنجي موبائيل ۾ ساهہ پئجي ويو ۽ گهنٽي وڄڻ لڳي،ٻٽڻ ڪولي ڪن تي رکي هيلو ڪيم تہ لاڙڪاڻي مان محمد علي پناڻ پڇيو تہ ”ڪاٿي پهتو آن“مون چيو بلڪل هاڻي ئي ڪراچي آيو آهيان.هن چيو ”تون گهر اچ تہ تفصيل سان ڳالهايون ٿا بهرحال شڪر ٿيو تون خير سان پهتين.“ان وقت ٻي فون گهران امڙ ڪئي ۽ اطمينان ٿيس تہ مان خير سان واپس پهچي ويو آهيان.

ٻاهر نڪري امر جليل کان موڪلائي ريڊيو ڪئب وٺي گلشن حديد روانو ٿيندي مون کي ياد آيو تہ سفما جا دوست بمبئي جي دوري دوران بار بار مطالبو ڪري رهيا هئا تہ هندستان ۽ پاڪستان جي عوام

ڪي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ مواصلات جي اهڙي سهولت پيدا ڪئي وڃي جيئن موبائيل فون جي ساڳي سم هندستان ۽ پاڪستان ۾ هر جاءِ تي ڪم ڪري ۽ ماڻهو ائين محسوس ڪن ته واقعي سندن وچ ۾ وڇوٽيون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هو ساڳي ملڪ ۾ رهن ٿا جتي مرضي مطابق ڪنهن به وقت ڪنهن به ماڻهوءَ سان ساڳي فون تي ڳالهائي سگهن ٿا.

"پورو ٿيو"